


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# عشق عبادت

(شاعري)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خدا کي عرش هيٺ خزانا آهن، جن جون ڪنجيون شاعرن جون زبانون آهن.
(حديث شريف)

---

لکيل آهين نصيبن ۾، ته ڳولهي نيٺ لهندوسانءِ،
ملڻ ناهي مقدر ۾، ته پوءِ تو سان گلا ناهي.
(سليم ٻچاڻي)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# عشق عبادت

(شاعري)

## سليم ٻچاڻي

امرتا پبليڪشنز حيدرآباد
2005ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**عشق عبادت (شاعري)**

شاعر: سليم بچاڻي
ڇاپو: پهريون ، جولاءِ 2005ع
ٽائيٽل ڊزائن: موهن لال مڪواڻا، انٽيل ڪميونيڪيشن، حيدرآباد
ڪيليگرافي: هرجي
ڪمپوزنگ: وزير علي لغاري
انٽيل ڪميونيڪيشنز
ڇپائيندڙ: ڍول فقير فائونڊيشن / امرتا پبليڪيشنز حيدرآباد.
ڇپيندڙ: انٽيل ڪميونيڪيشنز حيدرآباد.
فون: 721172

قيمت: 100.00 روپيا

**ISHQ IBADAT (Poetry)**

| | |
|---|---|
| **Poet:** . | **SALEEM BACHANI** |
| Edition: | First-July 2005 |
| Title Design: | Mohan Lal Makwana<br>Intel Communications Hyderabad |
| Calligraphy: | Harji |
| Composed by: | Wazir Ali Leghari<br>Intel communications Hyd. |
| Published by: | Dhol Faqir Foundation /<br>Amerta Publications Hyderabad |
| Printed by: | Intel Communications Hyderabad.<br>Tel: 721172 |



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ارپنا

هر
ان ماٺهوءَ
جي نالي
جنهن
محبت ڪئي آهي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ترتيب


- جيئن مون ڏٺو محبوب کي — سيد مرتضيٰ ڏاڏاهي
- مينهن ڪٽين جهڙو ماڻهو سليم بچاڻي — فقير محمد ڍول
- عشق ٿيو امام — سليم بچاڻي

- حمد و دُعا
- غزل
- ڪافيون
- نظم
- چوُسٽا


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مهاڳ

# جيئن مون ڏٺو محبوب کي

شاعري بلاشبہ قدرتي ڏات آهي ۽ اهو آئون اڪثر بيشتر چوندو ۽ لکندو رهيو آهيان. انهي ڪري تہ جيڪڏهن شاعري تعليم ۽ ڊگرين جي محتاج هجي ها تہ پوءِ سيئي ڊاڪٽر، وڪيل، سياستدان، دانشور ۽ گهڻ پڙهيا ماڻهو شاعر هجن ها!

پر ائين ناهي، اسان جيڪڏهن ماضي ۾ جهاتي پائينداسين تہ اسان کي ڪيترائي اڻ پڙهيل شاعر بہ ملندا، جن جو شمار سٺن شاعرن ۾ ٿئي ٿو.

سليم بچاڻي شاعري جي شروعات ويهہ پنجويهہ سال اڳ ڪئي، پاڻ پڙهيل لکيل بہ آهي تہ مطالعو ۽ مشاهدو بہ اٿس. سليم جي شاعر ٿيڻ ۾ ڪو ربو منهنجو ڪمال ڪونهي، کيس قدرت ڏات ۽ ڏانوَ سان نوازيو آهي، کليل ذهن وارو عقلمند انسان آهي، منهنجو ساڻس سڪ سنگت ۽ صحبت جو سڳو تيهارو سالن کان ڳنڍيو پيو اچي. تنهنڪري مٿس منهنجي شاعري جي توري گهڻي اثر هجڻ کان انڪار نٿو ڪري سگهجي ۽ انهي ۾ ڪو بہ عيب ڪونهي.

سليم بچاڻي کي گهڻ پاسائين شخصيت چوڻ ۾ ڪو وڌاءُ ناهي، ڇو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ پاڻ شاعر بہ آهي، سياست بہ ڪري ٿو موسيقي جي ڄاڻ هجڻ سان گڏ سنڌ جي ثقافت کان بہ بخوبي واقف آهي. وڏي ڳالهہ تہ سماجي ڪمن ۾ تمام گهڻو ڀرو وٺڻ ڪري ڪيس سڄي تر ۾ سماجي شخصيت طور سڃاتو ۽ سڏيو وڃي ٿو. نالي واري اديب فضل احمد بچاڻي مرحوم جي وڏي ياءُ نور احمد بچاڻي صاحب جي فرزند هجڻ ناتي چئي سگهجي ٿو تہ ادب کيس ورثي ۾ بہ مليو آهي. پاڻ طبيعتن سادو سڀاجهو اڇو اُجرو صاف سُٿرو سهڻو سيبتو نازڪ ۽ نفيس شخص آهي، انهي ڪري ئي سندس يارن دوستن جو حلقو وسيع آهي، ٽنڊي الهيار شهر توڙي اوسي پاسي ۾ کيس عزت جي نگاه سان ڏٺو وڃي ٿو راڄن ڪاڄن، شادين مرادين ۽ سماجي توڙي ثقافتي تقريبن ۾ کيس وڏو مانُ ملي ٿو. ڪچهرين جو ڪوڏيو ۽ خوش طبع/کل مک هجڻ ڪري ننڍو وڏو ساڻس پيار ٿو ڪري.

سليم بچاڻي جيئن تہ سونهن تان صدقو ٿيڻ وارو عاشق مزاج شاعر آهي، تنهنڪري سندس شاعري ۾ بہ سهڻن جي سلامي، حسن حاڪم جي غلامي، وڇوڙي جي ورلاپن، ڏکن ۽ ڏوراپن جو ذڪر مڙني سرس ملندو، سليم صاحب جو ڪلام جيتوڻيڪ ڪو گهڻو ڪونهي، ليڪن جيترو بہ آهي، پڙهڻ ۽ ٻڌڻ سٽڻ لائق آهي. سندس ٻولي بہ ٻنهن سولي، سادي، ننڍي وڏي، پڙهيل توڙي اڻ پڙهيل کي سنت سمجهہ ۾ اچڻ واري آهي. هن ڪتاب ۾ ڇپيل سليم جي شاعري، حمد، نعت، ڪافي، غزل، نظم ۽ چوسٽن/قطعن تي مشتمل آهي. سندس شاعري ۾ موسيقيت ۽ ردم هجڻ ڪري اها آساني سان ڳائي سگهجي ٿي، هونءَ بہ شاعري آهي ئي اُها جيڪا ڳائي سگهجي. سليم جڏهن کان هوش سنڀاليو آهي، تڏهن کان وٺي هوش ۾ ئي رهيو آهي، جوش کان پاسو ڪيو اٿس، ڪاوڙ گهٽ ايندي اٿس درگذر ڪندڙ ۽ دوستي جو ناتو نڀائيندڙ ماڻهو آهي، ڏينهن ۾ بہ وڳا ڪپڙن جا بدلائيندڙ صبح جو بوٽ تہ شام جو پشوري سئنڊل پائيندڙ، هر ڇهين مهيني چشمي جو فريم تبديل ڪندڙ سليم بچاڻي پنهنجا دوست بلڪل نہ بدلايا آهن، مرڪي تہ هر هڪ سان ملي ٿو ليڪن دوست اهي آهن جيڪي دل تي آهن. اهي شاعرانا خوبيون آهن جيڪي شاعرن ۾ ئي هونديون آهن. قبلہ حضرت مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ صاحب سان نيازمند ناچيز جي 1955ع



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪان آخري وقت تائين نيازمندي قائم رهي. ان سڄي عرصي ۾ مون ڪيس ڪنهن تي ڏمرجندي نه ڏٺو ڪنهن لاءِ اڻ وڻندڙ اکر زبان مان نه ڪڍيائون، ۽ ڪڏهن ڪنهن جي دل آزاري نه ڪيائون. تڏهن ته اسان پارا انيڪ انسان اڄ به ڪين ياد ڪريو لڙڪ لاڙين ۽ هنجهون هارين ٿا. سليم ٻچاڻي صاحب هڪ ڀيري مون سان گڏ هالا ۾ مخدوم صاحب جي محفل ۾ شرڪت جو شرف حاصل ڪيو هو. سندن قرب ڪچهري، نفاست ۽ نزاڪت، وضع قطع هلڪي مسڪراهٽ نرم و نازڪ لهجي ۽ اديبانا انداز بيان کان ايڏو متاثر ٿيو جو اُها رتيءَ جي رهاڻ اڄ تائين وساري نه سگهيو آهي. ته ڳالهه پئي ڪئيسون اسان جي پياري ۽ دل واري شاعر سليم ٻچاڻي جي شاعري جي، پاڻ هڪ غزل ۾ پنهنجي بي وسي ۽ محبوب جي بي رخي جو ذڪر هن نموني سان ٿو ڪري.

موت تي ڪهڙي ميار زندگيءَ ماري وڌو.
برهه واري بيقراري بي خوديءَ ماري وڌو.

پل رهو تنهائي، ۾ مون ڪان خفا منهنجا صنم
بزم ۾ ٿئي ڪيئن گوارا، بي رخيءَ ماري وڌو.

فرط محبت ۾ ڪئي دل يار سان شڪوه گلا
پر جڏهن احساس ٿيو شرمندگيءَ ماري وڌو.

دل چوي ٿي اُفق تي آزاد ٿي اڏري وڃان
ٿِس اسير زلف زندان بيوسيءَ ماري وڌو.

سادگيءَ ۾ عمر پئي گذري سچائي، سان "سليم"
دل فريبي دوست دنيا دورنگيءَ ماري وڌو.

جيئن ته شاعري عشق کان سوا نه ٿيندي آهي ۽ وري جڏهن عشق جي آزارن ۾ پريت جي پُر خطر پيچرن تي هلندي عاشق فراقن ۾ ڦٿبو آهي تڏهن چئي ڏيندو آهي ته:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تو بن منهنجي حيات اڌوري
ڏينهن اڌورو رات اڌوري
تن من ڌن سڀ توتان واريم،
موهڻي مورت من ۾ وهاريم
پوءِ بہ طلب ۽ تات اڌوري
ڏينهن اڌورو رات اڌوري.

سليم بچاڻي جي شاعريءَ کي قديم ۽ جديد شاعري جو سنگم/ميلاپ چئي سگهجي ٿو پاڻ جتي غزل ۾ محبوب جي حسن جي ساراه جا ڏڪ ٿو پري، اتي وري ڪافي ۾ هجر و فراق جي هاڃن، سورن، صدمن ۽ سختين جون دانهون بہ ڪري ٿو سدا مرڪ منهن تي سجائي هلندڙ ۽ ملندڙ سليم جي اندر ۾ ڪنهن ليئو پاتو آهي تہ ڇا پيو وهي واپري؟ اها تہ ڪيس خبر آهي، اڄ ڪلهہ نوجوان شاعرن جو گهڻو لاڙو غزل طرف آهي، اسان جي پراڻي صنف ڪافي بنهن گهٽ پئي لکجي بلڪ نوان شاعر تہ ڪافي لکن ئي ڪونہ ٿا. مخدوم طالب المولىٰ ۽ عبدالڪريم پلي کان پوءِ ڪي چند شاعر ڪافيون لکي رهيا آهن، جن ۾ تاجل بيوس ۽ مير عبدالرسول مير ڪافي جا سٺا شاعر آهن. ڪافي جي نہ لکڻ جو وڏو سبب اهو بہ آهي تہ اڄ جي نوجوان شاعرن کي ڪافي جي بحر بيهڪ، گس ۽ گهاڙيٽي جي خبر ئي ڪانهي، هونءَ بہ ڪافي لکڻ ڏکي آهي، تنهنڪري هرڪو غزل تي طبع آزمائي يا زور آزمائي ڪري رهيو آهي. اسان جي نئين نسل جو نامور نثر نويس، قابل ڪمپيئر، برک براڊ ڪاسٽر ۽ خوبصورت شاعر نصير مرزا تہ مون کي ڪافي گو شاعر ئي سڏيندو آهي ۽ شايد اهو صحيح بہ هجي، ڇو جو منهنجي ڪل ڪلام ۾ ڪافين جو تعداد ٻين صنفن کان زياده آهي، پر پوءِ بہ نصير مرزا جي زبان مان نڪتل اهي املهہ اکر پنهنجي لاءِ هڪ سنَد/ سرٽيفڪيٽ سمجهان ٿو.

خوشي جي ڳالهہ آهي تہ اسان جي سهڻي سليم ڪافيون بہ لکيون آهن ۽ سُنيون لکيون آهن. سليم بچاڻي خانداني پسمنظر توڙي موجوده



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وقت، پنهنجي هڪ الڳ حيثيت رکي ٿو. پاڻ اقتدار وارا ڏؤر به ڏٺا اٿس ته اعليٰ عهدا ۽ ماناتا منصب ماڻيندڙ ماڻهن ۽ دوستن سان بنهه ويجهو به رهيو آهي، پر پوءِ به سليم ۾ ڪو تڪبر يا اجائي آڪڙ ڪڏهن به محسوس نه ٿي آهي، پاڻ جهڙيءَ طرح ڪنهن وڏي آفيسر يا سيٺ ۽ وڏيري سان ملي ٿو بلڪل اِهڙي ئي نموني هُو عام ماڻهوءَ سان به ملي ٿو. اها وڏي ڳالهه آهي جيڪا ٿورن ماڻهن ۾ هوندي آهي. جيئن ته شاعري اندر جي ادمن ۽ جذبن جي اظهار جو نهايت ئي موثر ۽ خوبصورت ذريعو آهي، سو پڪ ئي پڪ اسان جي پياري شاعر سليم بچاڻي جي اندر ۾ به هڪ حساس شاعر موجود آهي جيڪو ڪيس شاعري ڪرڻ لاءِ اتساهي ۽ آماده ڪري ٿو. ها ايترو ضرور چئبو ته اهو اندر جو شاعر شيرين زبان، ڪڏهن ڪڏهن ڪجهه وقت لاءِ سليم صاحب جي ذاتي مصروفيتن جي سبب هڪ ڪنڊ ۾ ماٺڙي ڪري سُمهي پوندو آهي ۽ شاعري وقتي طور بيهي ويندي آهي، پوءِ وري جڏهن سليم صاحب انهن اڻاهه مصروفيتن مان فراغت حاصل ڪندو آهي ته سندس اندر جو شاعر به اکيون مهٽي اٿندو آهي ۽ شاعري سرجڻ لڳندو آهي، اهو ئي ڪارڻ آهي سليم بچاڻي جي شاعري جي تعداد ۾ ٿورائي جو نه ته سندس ڪلام هزارن ۾ هجي ها. پر پوءِ به ڪيس سهڻو ۽ سٺو سرجڻهار چوڻ ۾ نه مبالغو آهي نه ئي خوشامد ـ سليم بچاڻي صاحب کي سندس شعري مجموعي ڇپائڻ لاءِ آئون ورهين کان چوندو ۽ زور ڀريندو رهيس پر پاڻ هميشه ڇپائيندا سون! چئي ڳالهه ٽاري ۽ وساري ڇڏيندو هو. شڪر آهي جو گذريل مهيني پاڻ ئي ڇپائين ته هاڻي ڪتاب ڇپائڻ جو پڪو پهه ڪيو اٿم. ڇپائي ڏيو. رڳو چوڻ جي دير هئي غلام حسين سومري نوٽ بڪن تان ڪلام اتارڻ شروع ڪيو ۽ مون پنهنجي بلڪ الائجي ته ڪيترن جي ڏول، فقير محمد ڏول جون خدمتون حاصل ڪيون ۽ اڄ هي ڪتاب "عشق عبادت" اوهان جي هٿن ۾ آهي.

سليم صاحب شاعري ۾ مونکي پنهنجو استاد چوي ٿو! اهو سندس حُسن نظر ۽ قدرداني آهي، نه ته آئون ته پاڻکي ان لائق قطعي ڪونه ٿو سمجهان. ٽنڊي الهيار جي علمي، ادبي، ثقافتي ۽ زرخيز زمين تي جنم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وئندڙ ڪافين جي بادشاه شاعر سائين مصري شاه، شاه عنايت رضوي، حضرت قائم الدين قريشي، وتايو فقير، محمد زمان شاه سائين گهوٽ، راهب فقير موج دريا شاه، ميون اشرف، فضل احمد بچاڻي، گل محمد آزاد صوفي، مولوي نور محمد نظاماڻي، گل محمد شاه رضوي، مولانا عبدالحق رباني، مولوي عبدالڪريم لغاري، ڍول فقير، الماس سنڌو عبدالحميد منتظر، مولودي محمد رحيم مگڻهار ۽ حاجي صادق ميمڻ جهڙن بزرگن، درويشن، عالمن، اڪابرن، اديبن، شاعرن ۽ سدابهار شخصيتن جي معطر مهڪ سان هتي جا جهنگ جهر واهڻ وستيون، گس گهٽيون ۽ وڻ ٽڻ اڄ به واسيل آهن، ته اهڙي صدوري سر زمين تي سليم بچاڻي جهڙي سدا ملوڪ شخص ۽ پلوڙ شاعر جو پيدا ٿيڻ ڪا تعجب خيز ڳالهه ڪانهي، اهو سلسلو هلندو اچي ۽ هلندو رهندو.

خوش خلق، خوش مزاج ۽ خوش لباس سليم بچاڻي جهڙن محبوب ماڻهن لاءِ مخدوم طالب المولىٰ صاحب جون هي سٽون لکندي مونکي خوشي محسوس ٿي ٿئي ته:

منهنجو ته وار وار، ٿو دم دم دعا ڪري
ڪوسو لڳي نه واءُ، سڄڻ کي خدا ڪري.

مونکي وڏي اميد آهي ته سليم بچاڻي جو هي شعري مجموعو ادب دوستن، فنڪارن، دل وارن ۽ باذوق ماڻهن ۾ وڏي مڃتا ۽ مقبوليت ماڻيندو.

دعاگو آهيان ته سليم بچاڻي صاحب آئنده به شاعري جون سُندر سٽون سرجيندو رهي.

شاد ۽ آباد هجي. سدائين مرڪندو ۽ مهڪندو رهي.

سيد مرتضىٰ ڏاڏاهي
ٽنڊوالهيار سنڌ

17 اپريل 2005ع



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مينهن ڪٽين جهڙو ماڻهو ـ سليم ٻچاڻي

ڦِرين ڦِرين تہ، مون ڪان اِهو ٻُڌي وٺو:

تہ وٺي جو واءُ، مينهوڳيءَ جي مُندَ ۽ مينهن ڪٽيُون، منهنجي ڪمزوري آهن. ۽ ڪمزوري تہ منهنجي اُهي مٺا ماڻهو بہ آهن، جيڪي طبيعتن تڏا، شگفتہ، شائستہ، صاف شفاف، سچا ۽ اَڇا اُجرا آهن!

اندر جا بہ، تہ ٻاهر جا بہ!

۽ هي جنهن ماڻهوءَ جو قصو اڄ، اوهان سان آئون ڪرڻ وينو آهيان، سو بہ بنهہ هُوبهُو اهڙين ئي خوبين جي کاڻ آهي.

۽ اهڙنِ ماڻهن سان جند جو جُڙڻ ۽ جيءَ جو اڙڻ، منهنجي لاءِ فطري ۽ اڻ ٽر آهي.

۽ بلا شڪ اهڙا مڙئي ماڻهو منهنجا محبوب آهن ۽ آئون سندن عاشق!

۽ عَزيزو!

هڪڙن ماڻهن ۾، هڪڙي اهڙي خوشبو ۽ خوبي ٿيندي آهي. جنهن ۾ جيڪا ڇِڪَ ۽ سِڪَ ٿئي ٿي، تنهن جو مٽ يا مثال ڪُجھہ بہ ناهي منهنجي نظر ۾.

۽ اڄوڪي دنيا ۾ اهڙا ماڻهو انيڪ ڪو نہ ٿين، پر اڻ لکا ۽ اڻ ليکي آهن، اٽي ۾ لوڻ وانگر.

۽ اي منهنجا دوستؤ !

جي اوهان کي جيون ۾ ڪي اهڙا ماڻهو مليا وڃن ۽ اوهان جا سنگتي يا ساٿي ٿي وڃن، تہ يقين ڄاڻو اوهين دنيا جا خوشنصيب ماڻهو آهيو.

بلڪِ خوشنصيب ترين!

۽ ڪيڏو نہ خوشنصيب آهيان آئون، جو ڪي اهڙا ماڻهو منهنجي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حصي ۾ بہ آيا آهن.

۽ هيءُ اسان جو پيارو سليم بچاڻي! جنهن جو ذڪر و اذڪار آئون هت، ڪٿي وينو آهيان اوهان سان، سو بہ انهن ٿي ماڻهن مان هڪ آهي.

پر، سنگتي منهنجو هُو آهي!

يا مان هُنَ جو سنگتي آهيان!

يا اسان جي وچ ۾، جيڪو رشتو ۽ تعلق جُڙي آيو آهي، تنهن بابت واسطيداري جي پهرئين ڏينهن کان اڄ تائين، الئہ ڇو آئون Confuse آهيان، تہ اسين ٻئي هڪٻئي جا ٿيون ڇا؟

توڙي جو آئون اقراري بہ آهيان تہ اهڙا ماڻهو منهنجا محبوب آهن ۽ آئون آهيان سندن عاشق!

پر هن معاملي ۾، هِن دوستيءَ بابت ۽ هِنَ رشتي بابت، آئون وري وري Confuseٿيو ٿو وڃان ۽ ڪو بہ فيصلو ڪرڻ جي قوت نٿو پائڻيان پاڻ ۾.

آلائي ڇو!؟ (العجب)

مُنجهي پوڻ جو اصل سبب پائيان ٿو تہ، هي آهي :

تہ دوستي هُن جي مُنهنجي ’بابا سائين‘ (ڍول فقيرا) سان بہ هُئي ۽ دوست پنهنجو هُو مون کي بہ سمجهي ٿو.

۽ عزيزانِ گرامي!

ياد آيم تہ، هُو پاڻ ٿي ڪنهن ڪچهري ۾ ٻُڌائي رهيو هو ماڻهن سان پنهنجي دوستين متعلق.

دوستيون بہ ڪهڙيون؟

اهڙيون ٿي، نسل در نسل — پيڙهي بہ پيڙهي.

هُو ٻُڌائي رهيو هو پهراڙي جي ڪنهن ٻُڍڙي Old Man قصہ گو وانگر:

” تہ منهنجي دوستي هُئي ’ڍول فقير‘ سان بہ، تہ سندس پُٽ بہ دوست اٿم“.

”مريد علي شاهہ منهنجو دوست آهي تہ سندس والد بزرگوار سيد قادر شاهہ بہ منهنجو دوست هيو. ائين ٿي مير جمن بہ دوست، تہ سندس پٽ مير شاهہ علي بہ دوست اٿم. يار محمد لغاري بہ دوست هو تہ سندس پٽ عزيزالرحمان لغاري بہ دوست اٿم. هيڏانهن وري هي اسان جو جاويد مرتضيٰ ڏاڏاهي بہ دوست



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اتم تہ سندس والد سيد مرتضيٰ ڏاڏاهي بہ اصل پڳ مٽ يار اتم. اُچا ڏول فقير سان تہ، اصل روح جون رهاڻيون هيون. ساڻس پنيءَ واري باغ تي تہ ڪچهريون ٿينديون هيون پر گسين، پنڌين گڏبا هئاسين تہ بہ رستي جي پاسي ڪان پهرن جا پهر بيٺا هوندا هئاسين ۽ پيئي هلندي هئي ڪچهري قُرب واري.“

هُو ڳالهائي رهيو هو مسلسل ۽ ٻڌڻ وارن ۾ شامل هيا مون سان، مرتضيٰ ڏاڏاهي صاحب ۽ ماستر غلام حسين سومرو صاحب بہ!

” ۽ گڏبا هئاسين گهڻو ڪري اسان، مون واري اوطاق آڏو چاڪاڻ جو شهر ڏي وڃڻ لاءِ هڪڙو عام لنگهہ اِهو ئي هيو ۽ ڏول فقير سدائين اتان ئي لانگهائو ٿيندو هيو. پاڻ ڳالهہ پئي ڪئيسين دوستين جي، سو تازو ئي ڪنهن ماڻهوءَ مون کي چيو تہ: سليم صاحب! تون پهريون ماڻهو آهين، جيڪو پنهنجن دوستن جي اولاد جو بہ دوست آهي ۽ پشت در پشت هلائي رهيو آهين هڪڙو سلسلو دوستين جو.“

۽ هتي، آئون عرض ڪري ڇڏيان تہ، يقيناً اوهين سڀ ڄاڻو ٿا تہ، دوستين جو نياءُ ۽ نياءُ ڪيڏو ڏکيو آهي.

۽ ياد رکو دوستو!

دوستيءَ جو ڀرم رکڻ لاءِ، پُرڻو بہ پوندو آهي، تہ جهُرڻو بہ.

۽ اسان جو هيءُ جيڪو سليم بچاڻي آهي، سو بہ ٻاهران، تہ ڏاڍو هشاش بشاش ۽ خوش و خُرم ٿو نظر اچي، پر آئون ڀانئيان تہ، اندران صفا پُريو بہ پيو آهي تہ، جهُريو بہ.

سبب سندس پُرڻ جو ۽ جهُرڻ جو آهي:

” ڀَرمُ “

وفائن جي عيوض، جفائون ڪري ويا،
رکي دل ۾ ڪينو، دغائون ڪري ويا،
پڇي پور تي پيا، ڀرم ڪهڙا ڪهڙا. (سليم)

۽ اهو پڇي پور تي پيل ’ڀرم‘ هيو ڇا جو؟
دوستيءَ جو!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

متانهين ۽ پرانهين هوندي آهي.

۽ عشق جي اهڙي اُڏامَ، اسان کي سليم جي هِن مجموعي جي شاعري ۾ بہ، ملي ٿي. جا (شاعري) هُن عشق جون چاڙهيون چڙهندي لکي / ڪئي آهي . گڏوگڏ هُو عشقَ ۽ اُنَ جي اُڏامَ بابت، ڪا بہ ۽ ڪنهن بہ قسم جي دعويٰ نہ ٿو ڪري:

نہ دعويٰ ڪئيسين، نہ دعويٰ ڪريون ٿا،
مگر حال سارو نيايو وڃون پيا. (سليم)

سليم جي شاعريءَ ۾، رواني ۽ ردم تہ، اَوَس آهي ئي، پر خيالن ۾ تخيل بہ آهي ۽ سندس شاعريءَ جو ڪئنواس بہ، عشق جيڏو ئي وسيع ۽ سهج (آسان) آهي. سهج ان ڪري ٿو چوان، جو جيئن عشق پاڻهي بنا ڪنهن "ڊوڙ ڊڪ" جي ٿي. ويندو آهي ۽ جڏهن پنهنجي اوج تي هوندو آهي تہ، وڏي آسانيءَ ۽ بيخوديءَ جي ڪيفيتن ۾، ويندو آهي درياهہ، سمونڊ، باهيون، بيابان، جهنگ، جبل جهاڳيندو ۽ ڪيچ ڪاهيندو پنهنجي پُنهل ڏي.

۽ موجود آهي سليم جي شاعريءَ ۾ بہ، هڪڙو هوت پُنهل!

پاڻ ئي چاڻين، پاڻ ئي سمجهين، مالڪ، پاڻ ئي پنهنجا پار
ڪو نہ ڪو ڄاڻي، ڪو نہ ڪو سمجهي، تنهنجي مامَ سندا اسرار.
(سليم)

سليم جي شاعري جي گسن ۽ پنڌ، پيچرن تي هلندي، مون هڪڙي شيءَ ڪثرت سان سندس شاعري ۾ محسوس ڪئي آهي تہ، هُو پنهنجي پُنهونءَ کان گهُرجائو آهي.

ڇا جو؟

پاندَ پناهَ جو— عزت آبرو جو— بخشش جو — ۽ اجهو هيئن پيو گهُري، هُو پنهنجي مالڪ کان اهو سڀ ڪجهہ:

منهنجي منَ جا مالڪ، اُها زندگي ڏي،
سنيالي سگهان بس اُهو غم خوشي ڏي.

❊



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مڙئي معاف ڪج تون، ڪامل ڪچايون،
لڪين عيبَ مون ۾، بيحد بُرايون.

*

گناهگار آهيان، خطاڪار آهيان،
پرين پاڪ رب! مان سياهڪار آهيان،
حسنات ۾ لڪجان، ميٺي مدايون.
(سليم)

مان ڀانئيان ٿو، هت سليم وٽ من اندران جيڪو عجز ۽ جيڪا عاجزي اُڀري آئي آهي، سا بي خوديءَ مان نڪتي آهي ۽ اوج تي آهي بلڪ اوج جي انتها تي!

اڇو ته ڏسون سليم جو هڪ ٻيو شعر، جنهن ۾ عاجزي ۽ انڪساري ته، آهي ئي، پر موجود آهي انهي شعر منجهه، هڪڙي تلقين، رهبري ۽ رهنمائي!

ڇا جي؟

رب جي رضا تي راضي رهڻ جي:

جنهن حال ۾ رکي ربُ، راضي رهو سليم!
ناهن ڪبيون بي نياز سان، شڪوه شڪايتون!!
(سليم)

۽ ڪيڏي نه عجيب زندگي گذاري آهي، اسان جي هن پياري سليمَ! جيڪا عمر جي هر دؤر ۾ وٽس پُردرد رهي آهي، توڙي جو هُو ٻاهران لَڪا پوڻ ٿي نٿو ڏئي، اهو سندس حوصلو آهي، پر پوءِ به ڪا ڪا ڏسڻ واري اک ڏسيو تي وٺي، جنهن جون به شاهديون هتي ڏيئي سگهجن ٿيون.

هڪڙي: سندس شاعريءَ ۾ موجود هي شعر:

موت تي ڪهڙي ميار، زندگيءَ ماري وڌو!
برهه واري بيقراري، بيخوديءَ ماري وڌو!! (سليم)

ٻي: سندس واتان اڪثر و بيشتر بُڌل هي شعر:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کھني کو تو زندگي مختصر هي ليڪن،
بسر ڪرڻي لڳي تو خدا ياد آ گيا.

۽ خدا کي پنهنجو گواهه ڪندي آئون اوهان کي ٻڌايان ٿو تہ، مون جڏهن بہ ڪانئس اهو شعر ٻڌو تہ، منهنجو هينئون نپوڙبو ٿي ويو ۽ اندر مان بلند ٿي ٿِي صدا:

”يا منهنجا مؤليٰ ! “

۽ زندگي هونئن تہ، هر ماڻهوءَ جي مختلف آهي، پر اها زندگي مِني بہ آهي، تہ سُڻي بہ لڳي ٿي سيڻي ڪي.

۽ وري ڪڏهن ڪڏهن اُها ساڳي زندگي سيڻي ماڻهن لاءِ ڪڙي بہ آهي، تہ ڏکي بہ! پلا زندگي، اسان جي هن سليم جي ڪيئن آهي؟

ڄاڻڻ چاهيندؤ؟

تہ ٻڌو سندس ئي هي شعرَ :

نہ خوشي ڪا ميسر، نہ ڪو ملا ل آهي،
عجيب زندگي آهي! نہ خواب و خيال آهي.

*

طلب ناهي وصل جي ڪا، نہ ڪي هجر و فراق جي،
نہ ڪي ڪو ڪرب ٿو چاهيان، نہ ڪي قرار ٿو چاهيان!

پنهنجي زندگيءَ جي ڪا ياد هُو هيئن بہ اظهاري رهيو هو:

” توڙي جو اسين پنهنجي پيءُ کي پيارا هُئاسين، پر مونکي ياد ڪونهي تہ بابا ڪڏهن اسان کي ڪجھ ٿي کنيو هُجي ۽ نہ ئي مون ڪڏهن کين کلندي ڏٺو ۽ سڀ کان وڌي ۽ حيران ٿيڻ جي ڳالهہ، هيءَ آهي تہ، مون پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪڏهن بہ ابي ۽ امڙ کي گڏ ويٺل بہ ڪو نہ ڏٺو پوءِ يا تہ اهو اولاد آڏو احترام هيو يا وري سندن مزاج ۽ زندگي گهارڻ جو شايد Style ئي اِهو هُيو.“

۽ ماءُ سان محبت جو اظهار تہ، هُو اسان سان ڪو نہ ٿو ڪري، پر پيءُ سان سندس پيار جو عالم اهو آهي جو وٽس، سندس ويهڻ واري اعليٰ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ عاليشان ڪمري ۾ ڪاٺ جي اُها آرامَ واري ڪُرسي اڃا سوڌي موجود آهي، جنهن تي سندن والد بزرگوار ويهندو هُيو.

ڳالهه نڪتي آهي سيلم جي ڪمري جي، جيڪو منهنجي لاءِ هڪڙو Model ڪمرو آهي ۽ Role Model تہ منهنجي لاءِ سليم بہ آهي، جنهن جي زندگيءَ گهارڻ جا طور طريقا، هلت چلت، ڳالهہ ٻولهہ، اٿڻ ويهڻ، رهڻي ڪهڻي، اُٺي ويٺي، پسند نا پسند، سڀ ٿي مون کي پسند آهن ۽ اهڙيون ساڳيون ڳالهيون ۽ ڳڻ محسوس ڪيا آهن مون، پنهنجي نصير مرزا ۾ بہ:

۽ چاهنا اٿم هنن جيئن زندگي گذارڻ جي.

۽ ٻُڌو! جن ماڻهن سان دل پيار ڪرڻ چاهي ٿي تن ۾ انهن ٻن ماڻهن جو شمار تہ اَوَس آهي ئي، بنا ڪنهن شڪ شبهي ۽ مبالغي جي.

”۽ انهن ٻنهي ماڻهن مٿان پنهنجو سڀ ڪُجهہ، گهڙيءَ ۾ گهوري سگهجي ٿو.“ اهو دل جو آواز آهي، جيڪو ٻي ڌڙڪ ٻاهر نڪري آيو آهي.

۽ اها دل ئي آهي جنهن چاهيو ٿي گهڻي عرصي کان سليم تي لکڻ، پر ڪو نہ پئي لکي سگهيس، سندس گهڻ رُخي شخصيت جي ڪري. ڪيئن آهي هُو گهڻ رُخي شخصيت؟

اچو تہ ٻُڌايانوَ:

سليم: هڪ سماج سُڌارڪ
سليم: هڪڙو سياسي ماڻهو
سليم: هڪڙو دل گهُريو دوست
سليم: هڪڙو اَهلِ دل ۽ عاشق
سليم: هڪڙو سچو صوفي
سليم: هڪڙو محبتي ماڻهو ۽ سهڻو انسان
سليم: هڪڙو شاعر
سليم ۽ سليم جا سُورَ

۽ آئون ڦاسي پيو هُيس انهن مڙني موضوعن جي ڪُن ۾، ڪيئي ڏينهن چاهيو هُيم انهي ڪُن مان ٻاهر نڪرڻ ۽ ڪُجهہ نہ ڪُجهہ لکڻ.

گهُري هُيم دُعا!

”منهنجا مؤلِيٰ مدد فرما!“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ مدد ٿئي ٿي، اُبري ٿو ذهن ۾، متين مڙني موضوعن جو Mother Subject.
"سليم —آهي ڇا ؟"
جنهن تي ويهي، مون هي رنڊا روڙيا آهن.
سليم هڪڙو اهڙو ماڻهو آهي، جنهن جي زندگيءَ مان جي دوست، ۽ دوستيون minus ڪجن ته، جواب ايندو، تنهائي!
جڏهن ماڻهوءَ جو جيون ٻين شين کان وانجهجي ويندو آهي، تڏهن اها تنهائي ٿي رهجي ويندي آهي ماڻهوءَ جي من ۾ - جيون ۾! ۽ پوءِ هڪڙي حساس، ۽ نرم و نازڪ ماڻهوءَ وٽ رهجي ويندڀون آهن: رونق ڀرين رنگين راتين، ڏينهن ۽ يارن، پيارن جون سارون سنڀارون:

راتيون تنها، ڏينهن ڏنگن،
هاءِ ڪنهن سان، حال ڪجن.

خيال هئا يا عذاب هئا،
ڪهڙا ڪهڙا خواب هئا،
ننڊ ۾ ويٺي رَتُ رُنن.

❊

تنها ڏينهن ٿي سارو گذاريان،
راتيون روئي، توکي سنڀاريان.

❊

ريءَ پسڻ پريات اڌوري،
تو بن منهنجي حيات اڌوري،
ڏينهن اڌورو رات اڌوري.

❊

پل رهو تنهائي ۾ مون کان خفا منهنجا صنم،
بزم ۾ ٿئي ڪيئن گوارا، ٻي رخيءَ ماري وڌو.

(سليم)

ايڏيون تنهايون هوندي به سليم وٽ مايوسي ناهي ۽ هو وڏي همت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عنايت شاهہ صوفيءَ سان، فريبين ڪيو ڪيڏو دوکو
اُهي مردود مُنهن ڪارا، مُلا مڪار ڪيڏانهن ويا.

وهائي جن ڇڏيون ويرون، هئو موتڻ متن مهٽو
اُهي ڪونڌر ويا ڪُسجي، اُهي ڪنڌار ڪيڏانهن ويا.

ننگن جون جن جهلي سامون، لُٽيرن کي ٽي للڪاريو
دولهہ دودا، جنگي جوڌا، اڙين آڌار ڪيڏانهن ويا.

(سليم)

ڳائڻ جهڙو بيو ڳڻ آهي سندس شاعريءِ ۾ خوبصورت منظر نگاري ۽ تصوير ڪشي، جنهن جي جيتري واکاڻ ڪجي سا گهٽ آهي.

ٽِک تيز نديءَ جي ڌارا، برفاني پوش نظارا،
پٿرن تان برفون ڀُرڻ، مون کي ڏاڍو وڻندو آ.

هڪ حسن جمال هزاري، پيو ناز نفاست ساري،
تيون هرڻي چال هلڻ، مون کي ڏاڍو وڻندو آ.

ڪيا پگهر پسائي آلا، ڳَلَ خُوب گلابي لالا،
چُپ بُولي جيئن ڇهڻ، مون کي ڏاڍو وڻندو آ.

سيلم اهلِ دل بہ آهي، اهلِ نظر بہ آهي، تہ اهلِ ظرف بہ آهي ۽ اهو سڀ ڪُجهہ سندس شاعريءَ ۾ موجود آهي ۽ هن جي شاعري وڏي ويجهي آهي روحاني عشق جي امامت ۾، ۽ تصوف جي سرواڻي ۾.

منزل تہ هڪ ئي آهي، راهون الڳ الڳ تيون،
گهايل تہ سڀ اکين جا، نگاهون الڳ الڳ تيون.

ڪو رام تو اُچاري، رحمان ڪو پڪاري،
آهي هڪو ئي هڪ، پر صدائون الڳ الڳ تيون.

❋



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ مندر نہ مسجد، نہ گرجا تڪاڻون،
تسبيح مصلي مان، هرگز نہ ڄاڻون،
اسان محبتين لاءِ، مذهب مونجهارو.

(سليم)

۽ هن جون وڳون وڌي رهيون آهن اڳتي ئي اڳتي، شاعريءَ جي پُردرد پيچري تي، ۽ هُوَ وچي ٿو وڻ ٽڻ پوکيندو لفظن جا / شعرن جا ۽ پنهنجن تجربن جا. شاعريءَ جي پيچري تي. شاعريءَ جو هي پيچرو ڪيس ڪيڏانهن نيندو ۽ انهيءَ پنڌ جو انت ڪٿي ٿيندو، تنهن جي ڪيس ڪا خبر بہ ناهي ۽ پرواهہ بہ ناهي ۽ عشق جي انهي سفر ۾، اندر ئي اندر هُو جهُونگاريندو ٿو وڃي شاهہ جي ڪافي:

"آئون ڪُهہُ ڄاڻان پنڌ ڪيچ جو"

ٽنڊوڄام
29.05.2005

فقير محمد ڍول



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# عشق ٿيو امام

رب سائين جا بي انت احسان آهن. جنهن مون جهڙي ناچيز کي اها ذات ۽ گڻ عطا ڪيو ۽ اهو احساس ۽ ڪيفيات وديعت ڪئي، جو اڄ هي ڪتاب "عشق عبادت" اوهان جي هٿن ۾ آهي.

مون پنهنجي طرفان تمام گهڻي ڪوشش ۽ محنت ڪئي آهي پر نتيجو ته توهان ئي ڪڍي سگهو ٿا. هن معمولي احساسن کي جيترو به ٿي سگهيو آهي. مون محبت جي مالها ۾ پوئڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هاڻ هن راءِ جا ته توهان ئي مالڪ آهيو ۽ توهان ئي ڪا راءِ قائم ڪري منهنجي پورهيئي کي پرکي سگهو ٿا.

چون ٿا ته شاعري پيغمبرانا ذات آهي. آئون پاڻ ته نه ٿو چئي سگهان ته هي ڪهڙو علم آهي. جيڪو انسان کي حيرت جي صحرا ۾ گم ڪريو ڇڏي. دنيا جي هر منظر کي عشق ۽ گمان ۾ ويڙهيو ڇڏي. شاعري ٿي به ويندي آهي ۽ ڪئي به ويندي آهي. مون شاعري ڪئي آهي. ان ۾ منهنجو رهبر ۽ اُستاد سائين مرتضيٰ ڏاڏهي آهي جنهنجي صحبت ۽ محبت مونکي نثر کان نظم ڏانهن ڇڪيو. هونئن ته نثر ۾ منهنجو چاچا سائين فضل احمد بچاڻي رهبر ۽ اُستاد رهيو.

هن ڪتاب کي شايع ڪرڻ لاءِ به سال پهرين سائين مرتضيٰ ڏاڏاهي مونکي چوندو رهيو. پر منهنجي ڪاهلي ۽ سستي اجازت ئي نه ڏئي جو هن ڪتاب کي شايع ڪرايان پر لک ڪيرون لهڻي غلام حسين سومرو جنهن هن ڪتاب کي سهيڙڻ ۽ شاعري فيئر ڪرڻ ۾ نه رڳو منهنجو ساٿ ڏنو پر منهنجي طبيعت ۽ مزاج کي سمجهندي منهجو پانهن ٻيلي ٿي هن ڪتاب کي فيئر ڪري مڪمل ڪيو. پاڻ سرڪاري ملازم هوندي ڪنهن ڏينهن به ناغو نه ڪيائين ۽ هر لمحي مونکي همت ڏياريائين آئون سندس نهايت ٿورائتو آهيان. جڏهن شاعري فيئر ڪري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مڪمل ڪئي سين تہ پوءِ سڄي بيڙي کي پنهنجي سر تي فقير محمد ڏول کنيو. هن مائيٽي ۾ سنجيده انسان بخدا ايڏو تہ ڪم ڪيو جو آئون اهو لفظن ۾ بيان ڪرڻ کان قاصر آهيان. تدوين ڪرڻ، پروف آڻڻ، انهن کي چيڪ ڪرڻ ۾ مدد ڪرڻ هڪ هڪ لفظ کي پروڙڻ، ڪتاب جو ٽائيٽل ڇپائي مطلب تہ هر قسم جي جاکوڙ ڪيائين. آئون هن شخص جي ڪاوشن کي ڪڏهن بہ نظر انداز نٿو ڪري سگهان. گڏوگڏ نصير مرزا صاحب جو بہ ٿورائتو آهيان جنهن هن مجموعي جي بئڪ ٽائيٽل لاءِ پنهنجي راءِ سان نوازيو. آئون انهن مهربانن ۽ دوستن جو بہ احسان مند آهيان جن اخلاقي ۽ ادبي راءِ کان نوازيو ۽ هن مجموعي کي ڇپائڻ ۾ منهنجو ساٿ ڏنو.

آئون سڀن پڙهندڙن کان پنهنجي غلطين ۽ ڪوتاهين جي معافي ٿو وٺان شايد آئون ان نهج تي پورو نہ لهي سگهان. جيڪا توهان جي اعليٰ ظرف ۽ ذوق جي مطابق هجي. منهنجي ناقص ذهن جي ڪم علمي ۽ ڪم عقلي توهان پنهنجي آدرشن سان نہ پيٽجو ڇو تہ آئون اڃان طفل مسڪتہ آهيان. آئون اڃان درد جي دريا جو مڪمل تارو نہ ٿي سگهيو آهيان ۽ نہ ئي وري نينهن جي نديءَ کي پار ڪيو اٿم. پر اُن عشق جي پانڌيئڙن جو همسفر ضرور ٿيو آهيان جن من جي ميخاني مان محبت جي هڪ سُرڪ پري ابدي خمار حاصل ڪيا. جن فڪر ۽ فهم سان دنيا جي ڪثرت کي وحدت ۾ ڏنو جن عشق کي امام چئي ان جي تقليد ڪئي. جن عشق کي عبادت جو درجو ڏنو.

ڏٺيءَ در التجا آهي تہ جانِ ناتوان جو پورهيو شل قبول پوي.

خير انديش

**سليم ٻچاڻي**

پاٽولي پاڙو ٽنڊوالهيار سنڌ

فون نمبر 890700

19 اپريل 2005ع



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



# شاعري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# حمد و نظم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## حمد

پاڻ ئي ڄاڻين پاڻ ئي سمجھين مالڪ پاڻ ئي پنھنجا پار
ڪونہ ڪو ڄاڻي ڪونہ ڪو سمجھي تنھنجي مامر سنڌا، اسرار

ڪو آ بکيو ڪو آ سُکيو ڪو تو ڏکن ۾ ڏينهن ڳٽي،
ڪن کي مدامي ماتم مليو ڪن کي خوشيون خوب، هزار.

ڪن کي ڏين تو رُشد و هدايت، ڪي تہ سدائين ٿيا گمراهہ،
توبھہ تنھنجي در تي سائينءَ، بديون بخشين بخشڻھار.

ڪن کي تخت و تاج عنايت، ڪي تہ ٿيا رُسوا ۽ ذليل،
ڪِن جي سارِي سُرت وڃايئي ڪي تہ حقيقت ۾ هوشيار.

پير پيغمبر، قطب قلندر شاهہ گدا، غازي ۽ شهيد،
سارا تنھنجي در جا پينون، تون سيني جو پالڻھار.

تون ئي وحدت تون ئي ڪثرت آ ، سمجھيو صاف "سليم"،
تنھنجو جلوو هر جاءِ موليٰ، تون ئي آهين نت نروار.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## حمد

گلن قلن ۾، ماڪ ڦُڙن ۾، هاڪ حُسن ۾، مُشڪ ختن ۾
شفق رنگن ۾، دل ۽ ذهن ۾، فلڪ زمين ساري سنسار
منهنجا مالڪ تون ئي تون

ناز و ادا ۾، ساز و صدا ۾، شاهہ و گدا ۾، نوري ندا ۾
حيرت ڪده ۾، خود ئي خدا ۾، آهي سمايل ڪو اسرار
منهنجا مالڪ تون ئي تون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

برگ و شجر ۾، صبا سحر ۾، شمس و قمر ۾، بر و بحر ۾
مينهن ڪڪر ۾، هر منظر ۾، تنهنجو جلوو ۽ جنسار
منهنجا مالڪ تون ئي تون

جهنگ جبلن ۾، نالاءِ ندين ۾، پوپٽ پرن ۾، پتر ڪنڊن ۾
تڏن ترن ۾، واريءَ ذرن ۾، جنهن جو ناهي ڪو ئي شمار
منهنجا مالڪ تون ئي تون

جنم جنم ۾، خيال و وهم ۾، فڪر و فهم ۾، هر دم، دم ۾،
ڪُتب و قلم ۾، عشق و عدم ۾، هر هنڌ تيو اقرار
منهنجا مالڪ تون ئي تون

نهان عيان ۾، عشقِ بُتان ۾، گيتا گيان ۾، دين و اذان ۾
زمان مڪان ۾، قول قرآن ۾، توحيدي تڪرار
منهنجا مالڪ تون ئي تون

جيڪو ڄاڻي، سوئي سڃاڻي، ڪير تو آڻي، منزل ماڻي،
”سليم“ هاڻي، سينو تاڻي، واجب تيو اظهار
منهنجا مالڪ تون ئي تون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## حمد

مڙئي معاف ڪج تون ڪامل ڪچايون
لڪين عيب مون ۾ بيحد برايون

نہ تقويٰ طهارت نہ روزو رياضت
گذاريم حياتي بنا تو عبادت
ڪجاڻ در گذر سڀ هادي هيٺايون

سندم حال معلوم توکي آ سارو
سوا تنهنجي سائين ٻيو ناهي سهارو
ميرا يا مندا تہ بہ بنده تو سڏايون

گناهگار آهيان خطاڪار آهيان
پرين پاڪ رب! مان سياهہ ڪار آهيان
حسنات ۾ لڪجان ميٺي مدايون

ندامت اٿم جو ڪجهہ ڪين ڪمايم
غفلت ۾ ڏينهڙا ويهي وڃايم
”سليم“ ڪندو بخش عاصين اُوٺايون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## نعت

يلي ڇام ڄائو تيون سڀ سٺايون،
ملڪن فلڪ تان ڏنيون لک واڌايون.

شفيع المذنبين واهر وسيلو
غريبن جو غمخوار هيڻن جو حيلو
اچڻ سان ويون تي چوڏس سرهايون.

يٰسين، طٰحٰ، مُزمل، مدثر،
عطا تيا نہ لقبَ ٻئي ڪنهن پيغمبر،
خطائون امت جون ڊولي ڍڪايون.

مٺا مير مرسل تنهنجو شان عالي،
تنهنجي در جو هر دم ”سليم“ سوالي،
ٻُڪي ٻاجهہ جي ڏيو ڪري ڪي ڀلايون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# منقبت

ولي ڪامل رفيع رهبر علي المرتضيٰ آهي،
فاتح فاضل خندق خيبر علي المرتضيٰ آهي.

نسب نالو اُتم عالي، سوين سلطان در سوالي،
سخاوت ـجو پڪو پيڪر علي المرتضيٰ آهي.

خانہءِ ڪعبہ ولادت گهر، تيو مسجد شهادت گهر،
جنهن کي پاليو هو پيغمبر علي المرتضيٰ آهي.

شريعت ۽ طريقت جا، هئا عارف حقيقت جا،
امام اهلِ صُفا سروز علي المرتضيٰ آهي.

خداءِ پاڪ جو پيارو بتول[۴] حسنين جو تارو
نبيءَ جو نام نيشانبر علي المرتضيٰ آهي.

"سليمؔ" ڪهڙي ثنا خواني، ڪري سگهندو جهان فاني،
مڙن مومنن جو تيو محور علي المرتضيٰ آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# دعا

منهنجي من جا مالڪ اُها زندگي ڏي،
سنڀالي سگهان بس اُهو غم خوشي ڏي.

شب و روز ذڪر و فڪر ۾ گذاريان،
اوهان جي ئي نسبت اندر کي اُجاريان،
هجي پاڪ، رياءَ کان اُها بندگي ڏي.

بُراين کان بلڪل ٿيان دُور آئون،
هجان شل ڀلائيءَ ۾ ڀرپور آئون،
مون کي نيڪ و ڪارن جي صحبت چڱي ڏي.

هلائج چٽن بازن، پنجين نور سان تون،
هلي ڪين شيطان شر کو مڪر مون،
نہ محتاج مخلوق سندي بيوسي ڏي.

اچي جوش ۾ رحمت صدا سا عطا ڪر،
پهچي عرش معليٰ ۾ ندا سا عطا ڪر،
متيان غير کان مُنهن اهڙي بي رُخي ڏي.

مُهابي مُحمدﷺ جي ڏي هادي هدايت،
"سليم" سرخرو ٿئي شل روز قيامت،
قبر ۾ ٿئي رهبر اُها روشني ڏي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# غزل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منزل تہ هڪ ئي آهي راهون الڳ الڳ تيون
گهايل تہ سڀ اکين جا، نگاهون الڳ الڳ تيون

ڪو قُرب ۾ ڪُسي ويو ڪو پيار ۾ رُسي ويو
آهي تہ ڳالهہ ساڳي، ادائون الڳ الڳ تيون

محبت جي موهہ ماريا، يا برهہ باهہ ساڙيا
مقصد مرڻ محب لاءِ، دانهون الڳ الڳ تيون

ڪو رام تو اُچاري، رحمان ڪو پڪاري
آهي هِڪوئي هڪ، پر صدائون الڳ الڳ تيون

ڪي بدبخت سڏجن، ڪي نيڪ بخت سڏجن
مقدر جي معاملي ۾، مُدائون الڳ الڳ تيون

هر غمي خوشي ۾ ۽ موت زندگيءَ ۾
طاعت طريقو هڪ ئي، دعائون الڳ الڳ تيون

آدم خطا شجر جي، شيطان غرور شَرَ جي
منصف "سليم" ساڳيو سزائون الڳ الڳ تيون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ خوشي ڪا ميسر نہ ڪو ملال آهي!!
عجيب زندگي آهي نہ خواب و خيال آهي!!

"غمِ تنهائي ۾ ايڏو تون ڇو تو روئين يلا؟"
عجَيب مون کان پڇيو تو سڄڻ سوال آهي!

پڙهان مان عشق محبت جا ڇا لاءِ افسانا،
منهنجي تہ زندگي مون لاءِ وڏو مثال آهي!

اسان کي يارَ جي يادن مان فرصت ئي ڪانهي،
ڪريان حساب ڪهڙو درد دل محال آهي!

نہ ياد ماضي ڪريون ٿا، نہ مستقبل جو فڪر،
سدائين ٿا رهون مُطمئن جهڙو ڀي حال آهي!

خوشيون تہ شايد مون کان ويون رُسي آهن،
ڪيو غمن ڀي ڇو پاسو هتان في الحال آهي!

لڪائين پاڻ کي ايڏو ۽ ڇو ڪَرين تو حجاب،
مگر حشر ۾ تہ ٿيڻو تو سان وصال آهي!

ڏکيا هي ڏينهن گذاري تون وڃ صبر سان "سليم"،
چوين تون ڇو تو تہ: "دردن ڪيو بي حال آهي".



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ ڪي انڪار ٿو چاهيان، نہ ڪي اقرار ٿو چاهيان!!
خبر نہ آهي دِل نادان، ڪهڙو پيار ٿو چاهيان!!

طلب ناهي وصلُ جي ڪا، نہ ڪي هِجر و فِراقن جي،
نہ ڪي ڪو ڪَربُ ٿو چاهيان، نہ ڪي قرار ٿو چاهيان!

ويا سڀ شوق شُهرت جا، مگر آ آرزو البت،
نہ ڪي ڪا جيت ٿو چاهيان، نہ ڪي آئون هار ٿو چاهيان!

رقيبن سان رکي رغبت، هلي هُو بزم ۾ آيو،
نہ ڪي دلدار ٿو چاهيان، نہ ڪي اغيار ٿو چاهيان!

ڇڏي في الحال مونکي ڏيو، منهنجي ئي حال تي يارو!
نہ ڪي ڪا راهہ تي گهرجي، نہ ڪي فرار ٿو چاهيان!

وڃن سڀ موسمون مٽجي، نہ مون تي ڪو اثر ٿيندو،
نہ ڪي تعلق خزان سان آ، نہ ڪي بهار ٿو چاهيان!

دِل مضطر جي ڪيفيت ڪي، تہ ويو سمجهي "سليم" آهي،
نہ ڪي ٿو چُپ رهڻ چاهيان، نہ ڪي اظهار ٿو چاهيان!


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

درد دلبرَ تو ڏنو هاڻي دوا دارون تہ ڏي
من گھريا محبوب منهنجا وچ نہ گوندر منجھہ گڏي

رحم پيئڙو ڪين ڪي، توکي ستمگر ڪو ذرو
التجائون تي ڪيم، شام و صبح واڪي وڏي

حال منهنجي جي حقيقت، جي حياتيءَ ۾ ٻڌين
سڀ سُڻانيان سُور ثابت، جي پڇين سهڻا سڏي

مون سنڌءِ مرضيءَ مطابق آ گذاري زندگي
پوءِ سبب ڪهڙو ٻڌاءِ؟ تو وڃين ڇوري ڇڏي

جنهن جي آئي مانُ ۾ عزت وڏي
سُو گھمائي پيرُ پيارو شل اچي منهنجي تڏي

من مُدامي آهي ماندو دوست جي ديدار لئہ
تا سڪون جنهن لئہ "سليم" سو پکا اوري اَڏي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ تون ملئين نہ خوشي ملي، نہ ڪي مليو قرارِ دل
اسان جي ياڳ ۾ لکيل، فقط آهي غبارِ دل

اسان تہ تنهنجي راهہ ۾، وڇايون پنهنجون حسرتون
لتاڙي تون هليو وئين، ڪري ڇا، بيقرار دل

وڃائي پنهنجو نامر و ننگ، ڏنو مون جنهن ڪي نامر هو
ڳُهران ٿو اڄ وجود جو انهن ڪان اختيار دل

حقيقتون بہ ٿيون اٿل ۽ محبتون بہ ٿيون اٿل
ڪٿي پلا پوءِ اٿين ڪريان، ٻنهي تي اعتبار دل

آيو نہ ٿي ايندو ڪڏهن، شايد آهي منهنجو گمان
پر پيو ڪريان اميد تي عجيب انتظار دل

خواب ۽ خيالن اندر جيڪو رهيو ڇانيل سدا
سوئي ٿو سمجهان ”سليم“ دوست ۽ دلدار دل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

احوال زندگيءَ جو ڪنهن کي ٻڌائين ڇو ٿو
هن دل لڳيءَ جون ڳالهيون هر هر ھُلائين ڇو ٿو

خاموش حسرتن جا انداز ئي نِرالا
ظاهر ڪري سين تي خِلوت کلائين ڇو ٿو

تو بيخوديءَ ۾ لکيو هُن بي رخيءَ مان پڙهيو
هي معاملو اوهان جو من کي مُنجهائين ڇو ٿو

آغاز عشق جو هجي يا انجام عشق جو هجي
هي راز ٻن دلين جو مونکي ملائين ڇو ٿو

تصور ۾ سچ پچين جي، جي رُوپ هٺا اوهان جا
تسليم درحقيقت پردو هٽائين ڇو ٿو

ناڪام هر تمنا هر آرزو اڌوري
منزل ناهي مقدر راهُن رُلائين ڇو ٿو

هاڻي جڏهن ڪو تعلق ناهي رهيو اُنهي سان
اُن شخص جو ”سليم“ پَرَ ۾ پُڇائين ڇو ٿو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڄ بدن تي آ بهاري، هي مزو تنهنجي ڪري
وٺي ملي قلبن قراري، هي مزو تنهنجي ڪري

ھو مثلِ باغِ جنت جي، اڄ سڄو عالم امير
ٻي ڪئي موئليءَ ملهاري، هي مزو تنهنجي ڪري

جت ٻه گڏيا چار تي، هو اتي ميڙو مَتلُ
هُئي الِڳ هر ڪنهن جي ٻاري، هي مزو تنهنجي ڪري

ويهي رچو واڪاڻجي، سونهن سهٽي يار جي
جنهن ڪري دنيا سونهاري، هي مزو تنهنجي ڪري

ناز سان نازڪ هليو جت پانهن لوڏي هيج مان
سا چُمان پونءِ پلاري، هي مزو تنهنجي ڪري

چو نه ٿئي "سليم" سَرهو اڄ ملي محبوب سان
ختم ٿي وئي اَشڪباري، هي مزو تنهنجي ڪري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڄو پل دلربا هاڻي، مگر سا بات گذري وئي
زبان تي هو ذڪر جيڪو اُها اڄ تات گذري وئي

جي رُسندو تون هُئين راڻا تہ منٿون تي ڪيم ڪيڏيون
اُهي آزيون اُهي نيازيون، حُجت حالات گذري وئي

سلوڻا ڏينهن گذريا ڪَئين برهہ باغن بهارن ۾
اُهو ماحول ۽ موسم، اُها برسات گذري وئي

اوجاڳا ڏئي اکين کي مون ڏٺيون راهون تنهنجون هر هر
سوين سوچون فڪر لاحق، اڳين خيالات گذري وئي

شڪستہ دل چيو آخر "سليم" ڪيسين سَتَمَ سهندين
سنپاري يار جا وعده، رُنس سا رات گذري وئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زخم جيڪو تو ڏنو پرجي نٿو
زندگيءَ جو قيد هي ڪٽجي نٿو

ڪيئن ڪريان ڪيڏانهن وڃان ڪنهن کي چوان
تو بنا هي روح ڪِٿ رَلجي نٿو

هر نظر ۾ تنهنجو تو منظر ڏسان
ديد جو هي شوق ڇو گهَٽِجي نٿو

ها وساريان جي مگر وسري سگهين
پر مون ڪان هڪ پُور پِي پَلجي نٿو

دردِ دلِ دلبر ڏنو اهڙو ڏنو
حالِ دل ڪنهن ساڻ هي سلجي نٿو

ڪيئن وصالِ يار ٿئي تو سان "سليم"
هاءِ محبت ۾ جيسين مَرجي نٿو؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چو تو تين تون ايڏو اُداس
آخر وېڇٽي آهي اُماس

رنج و اَلَمر سان کهڙا جهيڙا
خوشي نہ آئي مون کي راس

دردن لاتا دل ۾ ديرا
ڳٽتين ڳاريو منهنجو ماس

ازل ابد کان تنهنجي رهندي
تن کي طلب ۽ من کي پياس

منهنجي حالتِ زار کي ڏسندي
چنڊ ستارن آيو قياس

پيو ڪو چارو نہ آهي ”سليمر“
رَکٽي پوندي اُميد آس



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي عمر هي تمام آ دعائون ڪندي
هر تنهنجي ستم سامهون وفائون ڪندي

ناهي مزاجِ يار جي، مون کي ڪائي خبر
خود ئي خَفا ٿيو وڃي جفائون ڪندي

نازن سان دل کسي وٺين پنهنجو ڪري پرين
قابو ڪيو تو قرب ۾ ادائون ڪندي

محبت ۾ مضطرب ٿي، مجبور دل هٿان
رُسوا ٿيس اوهان جون پچائون ڪندي

آخر مسيحا منهنجو لاچار ٿي پيو
هن مرضِ لادوا جون دوائون ڪندي

پاڻ ئي لُٽايو پاڻ کي پنهنجي هٿان"سليم"
هي جان ناتوان ٿي سُڪائون ڪندي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رات ٻہ مون ھو توکي ساريو
رئندي رئندي ڏينھن اُپاريو

روح جا رشتا، نينھن جا ناتا
ٽوڙي ڇڏيئي ڪري مون کي ڌاريو

ننڊ اکين وٺي چين ويو دل جو
ڇو نہ پڇيئي ڪيئن گھايل گھاريو

اٿين تڙپيس تي لڇيس جليس تي
ٻارڻ ۾ جڻ پاڻ کي ٻاريو

خيال ڪي ويڙھي وھم ويو سپرين
موت کي جڻ تي جيون ماريو

ياد سان تنھنجي "سليم" سرچي
چرڪي درن ۾، مون پٽي نھاريو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرو قد جادو چشم ها اڃان پڻ ياد آ،
وعدا، توبہ ۽ قسم ها اڃان پڻ ياد آ.

ڪيئن نہ ٿئي مسرت پلا مهتاب مُک روشن ڏسي،
ڪهڪشان خورشيد و خم ها اڃان پڻ ياد آ.

ڪائنات حُسن جي رنگن ڏنو ايڏو سُرور،
نيم خوابي چشمِ نَم ها اڃان پڻ ياد آ.

داد قابل جي عُشاق مقتل اندر مرڪي ملن،
رقصِ بِسمل جو عزم ها اڃان پڻ ياد آ.

گردشِ اَيام جون سڀ صعوبتون وسري ويون
پيار جو پهريون زخم ها اڃان پڻ ياد آ.

تو ميجان محبوب جي محبت ڪيو بي خود "سليم"،
روز و شب جو ڪار ۽ ڪم ها اڃان پڻ ياد آ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هاءِ دل ٽوڙي ڇڏيئي، هاءِ دل ٽوڙي ڇڏيئي
منهنجو اي جيءُ جاني، جهنجهوڙي ڇڏيئي

سيني اندر پليل ھُئا سالن جا سلسلا ھي
سِبيل ڇو رُوح رشتو اُڌوڙي ڇڏيئي

ڪل ۾ خوشي ڏئي تو توئي ڏنو ھو سُک چين
اڄ ڪيئن يلا ڏکن ۾ ٻوڙي ڇڏيئي

جيڪي ڳنڍيون ڏنل ھيون تنھنجي ۾ منھنجي ساھ کي
ھڪ ھڪ ڪري ھٿن سان ڇوڙي ڇڏيئي

محبوب محبتن جو حق ڪيئن يلا ادا ٿئي
اُٿندي ٿي جوش جذبو مروڙي ڇڏيئي

توکي ڪري اڪيلو سُورن ۾ ويو "سليم"
جن لاءِ وجود پنھنجو ولوڙي ڇڏيئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هاڻ تنهنجو دوست دلبر، در ڇڏي ڪيڏانهن وڃان،
زندگي پوري اچي ٿي، پر ڇڏي ڪيڏانهن وڃان.

هُئي بهارن جي تمنا، پئي پلئه مون کي خِزان،
ويو چمن اجڙي سمورو پر ڇڏي ڪيڏانهن وڃان.

راحتون، تڪليف جيڪر ٿي پون پوءِ ڇا ڪجي،
ٿي گذارڻ ويو آ مشڪل، جهر ڇڏي ڪيڏانهن وڃان.

دل رهڻ آزاد چاهيو هن ۽ هُن سنسار ڪان،
مُنهن ڪريان دنيا کان پر، آخر ڇڏي ڪيڏانهن وڃان.

رات انڌاري ٻادل برسن، سينې سرجيو سُور ”سليم“،
هن گهڙيءَ ۾ تون ٻڌاءِ، گهر ڇڏي ڪيڏانهن وڃان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موت تي کهڙي ميار زندگيءَ ماري وڌو
برهه واري بيقراري، بيخوديءَ ماري وڌو

پل رهو تنهائي ۾ مون کان خفا منهنجا صنم
بزم ۾ ٿئي ڪيئن گوارا، بي رُخيءَ ماري وڌو

همسري هئي، شان شوڪت ۽ شناسائي به هئي
دستِ سُوالي بي زري ۽ بي ڪسيءَ ماري وڌو

فرطِ محبت ۾ ڪئي دل، يار سان شڪوه گِلا
پوءِ جڏهن احساس ٿيو شرمندگيءَ ماري وڌو

حُسن ۾ اڄ پيو ڪشش ۽ عشق ۾ ساڳيو اثر
اهلِ نظر آهيان اڃان، پر بي دليءَ ماري وڌو

دل چوي ٿي اُفق تي، آزاد ٿي اُڏري وڃان
ٿيس اسيرِ زلف زندان، بيوسيءَ ماري وڌو

سادگيءَ ۾ عمر پئي گذري سچائيءَ سان "سليم"
دل فريبي دوست، دنيا دورنگيءَ ماري وڌو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واھ دلڙي جَسُ ھجئي، واھ جو ڪيو تو انتخاب،
سونهن سڀ ڪنهن کي لُٽيائي، ھي تہ لالڻ لاجواب.

پوش پوشاڪون پرين پائي، جڏھن نِڪتو نجيبُ،
ھوءِ ھوڪا تين گھٽين ۾، ٿيا ڦِڪا نازڪ نواب.

نينهن وارن تي نوازش، آ رھي تنهنجي مُدام،
ڪھڙا ڳائي ڪھڙا ڳايان، تنهنجا ٿورا بي حساب.

جوتِ جلوي ساڻ جھرمر ، آ سڄو سنسار ٿيو
قطب تارا چنڊ ڪتيون، ھت تہ شرمائي شھاب.

جي نگاھِ ناز سان، مخمور ٿيا تِن کان پڇو
ڇا خبر ھوندي انهن کي، جي فقط شائق شراب.

تنهنجي تصور سان ئي، آھي ھن حياتيءَ کي بقا،
پنهنجو جيون پنهنجي جانيءَ ڏي ڪريان تو انتساب.

اڄ تہ ويھي روح جون ڳالھيون، ڪريون ڪي روح سان،
اي "سليم" جا سھارا، ڇڏ ڪٽي حاڪم حجاب.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زُلف سياھ نشتر نظرون ماھِ مثل رُخسار آ
پاڪ پيشاني پريءَ جي ابرو سنڌءِ تلوار آ

ڏند موتين جي نما لال لَب محبوب جا
تا لُپائن غمزه غضب گوھر سندس گفتار آ

ناز پرور ناز سان نينھن جي نوازش جي ڪري
سِيم و زر گھرجي، نہ ڪي شمس و قمر درڪار آ

چارسُوءِ جنھن جي طفيل اڄ چمن آباد ٿيو
گل ڪليون ۽ باغ بوندن، موھيو مھڪار آ

اي صنم تنھنجي حُسن جي چا ڪري ساراھہ ”سليم“
جابجا چرچا اوھان جا ھي عالم آشڪار آ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سُڪونُ دل جو لُٽي ويو لُٽي قرار ويو،
ڏيکاري صورت سهڻي هُو بار بار ويو؛

اثر ڏهي ڏک ته اسان جو پرم رکي نه سگهيو
بي آبرو ڪري محفل ۾ رازدار ويو.

فقط اوهان جي تصور سان زندگي پئي گذري،
ڏئي جُنون، کسي منهنجو اختيار ويو.

اجان به آهي تمنا ۽ آرزو ايندو
وڇڙ جي وقت ڏئي قول اعتبار ويو.

"سليم" سرُ ڏئي سمجهيو ته سرخرو ٿيندس،
مگر هو طعنا تشنيع ڏئي ميار ويو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خيال و خواب ۾ آهين تون يڪ نظر او پرين
اسان جي حالتِ زار کان بي خبر او پرين

غم تنهائيءَ جي اُلجهن کان اڄ ڪريو آزاد
اسيَر پل ڪريو مون کي اوهان جي در او پرين

هلي وئي آ نيڻن مان ننڊ الائي ڇو
خبر نہ آهي تہ تو ڪهڙو ڪيو سحر او پرين

شب اول کان ڏسان پيو اچڻ سنديون راهون
اڃان بہ آهيان اميدن تي منتظر او پرين

پڇين جي حال تون تن کان اگر صحيح سمجهين
جي عشق تنهنجي ۾ ٿي ويا هو دربدر او پرين

اسان تہ نالي اوهان جي ٿي ٿا هتي لِکجون
انهي ڳالهہ جو شاهد سڄو شهر او پرين

"سليم" سور سهڻ جي رهي نہ طاقت ڪا
دوا ڏئي نہ سگهو جي تہ ڏيو زهر او پرين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏسي صورت صنم تنهنجي، اچي ٿو رشڪ تارن کي،
جُهڪيو عرش معليٰ هو، ڏسي سورنهن سينگارن کي.

جَهڪا شمس و قمر ٿي ويا، تنهنجي جلوي جي جلون سان،
هليو حيلو نہ ڪو حورن، هارائي حسن وارن کي.

تنهنجي زلفن جي خوشبوءِ سان معطر ٿيو چمن سارو،
گلن رنگت ڇڏي آخر، ندامت ٿي نظارن کي.

رُخ زيبا ٿيو ظاهر، تہ روشن بزم ٿي ساري،
ويا سڀ تاب طابع ٿي، حجاب آيو هزارن کي.

مَئي محبت منجهان ساقي پِريون سُرڪيون "سليم" اهڙيون،
اُڏامي هوش ويا هڪدم، خُمار آيو خُمارن کي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪو ڏسان تو سھڻو سانول، دل چوي تي پيار ڪريان
دل چوي تي پيار ڪريان، تنھن سان ڪجھ اظھار ڪريان

ھر ڪو سھڻو ايئن وٽي، مکڻ ماکي جيئن وٽي
سپنن ۾ ھر رات ڳٽي، پيو دل ڪي باغ بھار ڪريان

جڏھن ويس ڪرن تا ڪارا، محبوب لڳن موچارا
پئي نيڻ خنجر جي ڌارا، ڪيئن ڪُسڻ ڪنان انڪار ڪريان

بي پرواھ ٿيو مست مگن، پانھون لوڏيو خوب گھمن
ھر اک جي تا آرا سمجھن، پر پاڻ کي ڪيئن ھوشيار ڪريان

نيڻ ڪٽي جي نھارن تا، مُرڪيو مُرڪيو مارن تا
سينو ڪولي کارن تا، پوءِ چو نہ اکيون ٺڏڪار ڪريان

ھن کي ڏسي تو ھُن کي ڏسان، شام و صبح تو روز ڪُسان
ڪنھن سان پرچي ڪنھن سان رُسان، ھڪ ھجي جو ڏار ڪيان

چوي صاف "سليم" نماڻو مون پسند ڪيو ھڪ ماڻھو
جيڪو آھي موتيءَ داڻو جنھن تان جان جسم کي نثار ڪريان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نگاهن سان ڪيئي جيڪو اِنهي اقرار تان صدقي،
زبان سان تو ڪيو مرڪي، اِنهي انڪار تان صدقي.

جڏهن تون بزم ۾ آئين، اچڻ سان تو ڏسي مون کي،
انهيءَ طرزِ تڪلفُ جي، کلڻ کيڪار تان صدقي.

صبح ۽ شام جڻ راهن مٿي تنهنجو گذر آهي،
چمان گهٽيون مٽئي محلا، شهر، بازار تان صدقي.

رکيو تو جنهن چمن سان چاهه، سو مثل اِرم مون لئه،
انهن باغن بهارن تان، خزان ۽ خار تان صدقي.

ڪَڪوريل ڪَيفَ جيئن اکڙيون، لڳن سهٽيون سدا مونکي،
ڀڻي لب لعل لاثاني، رنگي رُخسار تان صدقي.

انهي مُخفي محبت جا، مزا ماڻيا "سليم" اهڙا،
لِڪائي لوڪ کان ٿيو جو اُنهيءَ اظهار تان صدقي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان تہ پاڻ کي جنهن تان ڪيو فدا آهي،
افسوس سو تيو اج مون کان جُدا آهي.

جلائي پاڻ کي مثلُ پتنگ جي خاڪ ٿيا،
محبتن جو ڪِيو تن ٿي حق ادا آهي.

ڏسڻ سان فرطِ محبت ۾ ٿيو وڃون بيخود،
شايد اِها ٿي مون معذور جي خطا آهي.

قدم قدم تي ڪيم پيش جان، دل، ايمان،
پوءِ بي رُخيءَ جو سبب ڪهڙو دلربا آهي.

چيم تہ: "راهہ ۾ رولي وڃين ٿو ڇو همدم"،
چيائين: "تنهنجي تغافُل جي هي سزا آهي".

قريب موت جي بہ هُن جو خيال باقي رهيو،
"سليم" جو سفر آسان ڪيو خدا آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چو شمع وانگي سڙان، ڪير جي سمجهي نہ سگهي
چو پتنگ وانگي جلان، ڪير جي سمجهي نہ سگهي

منهنجي آواز تي نہ ڪنهنجو ڪو آواز مليو
چو سحر تائين رڙان، ڪير جي سمجهي نہ سگهي

ڪَئين ارمان، ڪَئين حسرتون هن ساه اندر
آهي ڪو رازِ نِهان، ڪير جي سمجهي نہ سگهي

نہ ناصح جي نصيحت ڪيو ڪو ڪنهن تي اثر
اِها ظاهر جي زبان، ڪير جي سمجهي نہ سگهي

حقيقتن تي ڪهڙو بحث ۽ تڪرار ڪجي
آهي هر ڪنهن تي عيان، ڪير جي سمجهي نہ سگهي

"سليم" تحرير و تقرير کي تون تَرڪ ڪري
ڪري چڏ بند بيان، ڪير جي سمجهي نہ سگهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڄ وري ناشاد دل دلدار لئہ روئي ڏنو
اَشڪ اڪڙين مان ڳڙيي پيا يار لئہ روئي ڏنو

جنهن جي اُلفت آ اندر ۾ سوز و غم پيدا ڪيو
مَنَ انهيءَ محبت سندي مهندار لئہ روئي ڏنو

ڪئين دنياوي، گردشون آيون ويون منهنجي مٿان
تو ڏنا ڪيڏا نہ ڏڪ، مون پيار لئہ روئي ڏنو

خوشنصيبن کي مبارڪ، بدنصيبن تي ميار
آ عجب رسم جهان، اختيار لئہ روئي ڏنو

آرزو جيڪا ڪيم تون مُسڪرائي ٿئين خفا
مون تنهنجي اقرار ۽ انڪار لئہ روئي ڏنو

جانِ بسمل تي عيان وٿي ضبط وارن جي اڳيان
مون پرين! پنهنجي ڪَسبي ڪردار لئہ روئي ڏنو

جت رهن محبوب منهنجا سو مقام اعليٰ ۽ افضل
اُن سُني سهڻي "سليم" سنسار لئہ روئي ڏنو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن حُسن بي بها تي قربان تيا هزارين
هن زُلف جي ڪمند ۾ زندان تيا هزارين

ڇا جوت جلوو جاني جنسار جابجا هو
حيلو حجت هلي ڪيئن حيران تيا هزارين

مون زندگي سموري ڪئي وقف ڪاڻ دلبر
پوءِ ماهرو ملڻ جا امڪان تيا هزارين

شاهه و گدا تيا هت ديدار لئه ديوانا
در دوست دلربا جي دربان تيا هزارين

مون کي مسيحا محبت ۾ لادوا تا سمجهن
تنهن دردِ دل جا تو وٽ درمان تيا هزارين

سُڄاڻ ”سليم“ ساڄهر وٽ اوت عشق جي تون
اُلفت جي اولي آيا انسان تيا هزارين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهنجي بستيءَ ۾ رهڻ تا گهرون
سور صدما وري سهڻ تا گهرون

زندگي آ نہ ڪيڏو آزاريو
حوصلو نہ آهي پر جيئڻ تا گهرون

جيڪي باقي بچيا ڪٺا ڪشتي
سي دلئون توکي ڏيڻ تا گهرون

جيڪي آهي مليو اوهان طرفان
زهر امرت ڪري پيئڻ تا گهرون

تون ئي همراز ۽ تون ئي هم دم
حالِ دل توسان ئي سلڻ تا گهرون

ڪنهن کي پنهنجو ڪري سگهيو نہ "سليم"
هاڻ يارو ڪنهن جا ٿيڻ تا گهرون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دوست توسان دل لڳائڻ جي رهي مون آرزو
بند ظاهر جي زبان باطن ۾ هئي ڪا گفتگو

هو عجائب شور و غل، آه و فغان عالم ۾ تي
جلوو ٿيو آهي عيان جڳ ۾ جڏهن جُوبَجُو

بُلبل و گل جي هئي هت آشنائي ازل کان
پنئور پيلي ڪيئن ڪندو ڇوڙس چمن جي آبرو

تشنگي طلبن اندر سان ڪيئن اُجهامي عام سان
خاص خِلوت ۾ ٿيو ديدارِ دلبر دوبدو

من اندر مطلوب سان جي ملاقاتي ٿيس
پيش پرين کي ڪندس هي روئداد روبرو

مشڪلاتون ۽ مصائب سي سدا سر تي ڪٽي
نيٺ ٿيس در دوست جي آخر "سليَم" سُرخرو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هي آغازِ پيار آهي
واهه جو خُمار آهي

ڏسندي نگاهه ناز کي
ايندو قرار آهي

سُنسان گلستان ۾
ڪا بوءِ بهار آهي

تصور اوهان جو هر دم
اکين تي سوار آهي

منهنجي سُڪونَ جو سائين
خود بيقرار آهي

سالن جي سوچ ڪانپوءِ
مَس ٿيو اظهار آهي

حائل "سليم" چاهت ۾
غمِ روزگار آهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اي ڦرارِ دل توکي ڏيان صدائون تو
فراق تنهَجي ۾ ڏيان پاڻ کي سزائون تو

اسان جي ڀاڳ ۾ آيو هجر ته ڇا تي پيو
وصل جا واعدا ڪري تون ڪرين جفائون تو

ڏيان مبارڪ توکي يا ڪريان مان ماتم
اُجاڙي پاڻ کي توکي وسايان آئون تو

اسان کي هر گهڙي هر نگر هو آزمايو تو
پوءِ به جَسُ اتئي جاني ڏئين دغائون تو

”سليم“ ته ڪيتريون تنها ڪٽيون راتيون مگر
پر نه تون ٿئين تنها ڪريان دُعائون تو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهنجو مُرڪي مُرڪي ملڻ، مون کي ڏاڍو وڻندو آ
هر ڳالهه تي تهڪ ڏيڻ، مون کي ڏاڍو وڻندو آ

گلنار ڪلي گل خار، باغن ۾ بوند بهار
ٻيو پوپٽ پؤنر پٽڻ، مون کي ڏاڍو وڻندو آ

تک تيز ندي جي ڌارا، برفاني پوش نظارا
پٿرن تان برفون پُرڻ، مون کي ڏاڍو وڻندو آ

هڪ حُسن جمال هزاري، ٻيو ناز نفاست ساري
تيون هرڻي چال هلڻ، مون کي ڏاڍو وڻندو آ

ڪيا پگهر پُسائي آلا ڳُل خوب گلابي لالا
چَپَ ٻُولي جيئن ڇُهڻ، مون کي ڏاڍو وڻندو آ

نت نيون پوشاڪون پائي، خوشبوءِ سان تن مهڪائي
شهزادن جيئن اچڻ، مون کي ڏاڍو وڻندو آ

تنهنجو رُسي وڃڻ تو ماري، دل جان جگر کي ڳاري
وري پيار ڏئي پرچڻ، مون کي ڏاڍو وڻندو آ

بيخود تي ”سليم“ جا چئي آ ۾ توبه ڪتي نه ڪا ڪئي آ
تنهنجو مون کي ئي سمجهڻ، مون کي ڏاڍو وڻندو آ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اي سجڻ صورت اوهان جي من ڪيو مستانُ آ،
هوشَ، حيرت ۾ هليا ويا ۽ هينئون حيرانُ آ.

هڪ خماريل نيڻ نرگس، ٻيا پرون جاڙا پئي،
هو رڪيل تارن ۾ طلسم جوهري جولانُ آ.

وار واسيل تي هٽايا رُخ مٿان جنهن دم عجيب،
ٿيو جهان سارو سُهائو هر بشر شادانُ آ.

تو سوا ناهي جميعت جان ڪي اي جانِ من،
ٿيو فقط تو وٽ ميسر درد جو درمانُ آ.

عابدن ڪان وٺي عبادت سونهن تنهنجيءَ ڪي ڏسي،
ڪٿين ڏٺم زاهد هتي، جن لرزيو ايمانُ آ.

همسري تن سان پلا، ڪيئن ڪري سگهبي ”سليم“،
جوڙ جانيءَ جو نہ ڪوئي، برملا اعلانُ آ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

محبت ۾ سَهٽيون پونديون مڙئي ملامتون،
حاصل تڏهن ئي ٿينديون ثابت سلامتيون.

واصل وڃائي پاڻ کي پهتا جڏهن اُتي،
تن کي مليون جهانَ جون نوري نيابتون.

سُوري مٿي چڙهي به جن اَناالحق چيو
آهن عميق راز جون حيرت حڪايتون.

منجهه فڪر جي فنا ٿيا عيش و طرب ڇڏي،
تن جون قبوليون ڪرم سان راڻي رياضتون.

ثابت رهن صبر ۾، هُو تن جو همنشين،
ذڪر و فڪر ۽ فاقا عاجزي علامتون.

جنهن حال ۾ رکي رب، راضي رهو "سليم"،
ناهن ڪبيون بي نياز سان شڪوه شڪايتون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڄ وري خيالن اندر گذريل زمانہ ياد پيم
تنهنجي منهنجي محبتن جا سڀ فسانہ ياد پيم

ڇا تہ هُئي موج و مستي، ڇا تہ هُئي چاهت پنهنجي
ڪيئن نہ ٿيا پنهنجا مخالف ۽ بيگانہ ياد پيم

ڪيئن نہ تون وڙهندو هُئين، ڪيئن نہ تون رُسندو هئين
تنهنجا ماڻا، منهنجون منٿون عاجزانہ ياد پيم

راتيون راهن ۾ گذريون اُون ۽ انتظار ۾
جن تان ايندو هئين ڪري هر هر بهانا ياد پيم

داستانِ دل ٻڌائي ڇا يلا ڪهڙي "سليم"
ٿيا مڙئي شاهد هتي، دانا ديوانا ياد پيم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاتُم جو تو سان ناتو سو نينھن نڀائيندس
سڀ سُور سهي صدمان، پيو پاڻ ملهائيندس

هن دشتِ جُنون ۾ چو تو سات ڇڏيو منھنجو
تو ٿي تہ ڪيو وعدو ائين ڪين رُلائيندس

تنھنجي ئي سهاري تو هن جيون ڪي گهاريان
اُميد اتم ايندين، پل پل پيو پچائيندس

مون سوزِ تمنا ۾ هُٿي ڳالهہ وصلُ جي، ڪئي
تون حِجر ڏيندين مُرڪي تہ بہ اکيين لائيندس

احوال ڪيم دل جو تون پڏندي خفا ٿي وئين
گستاخي ٿئي هيءَ معاف، بيهر نہ ٻُڌائيندس

ڏسي حال "سليم" جو اچي قرب ونديو مون سان
لاهي تہ نہ سگهبا پر ڳڙ روز پيو ڳائيندس


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪتان آٽيان اوهان جي واسطي آرام اي دلڙي
ڪري ڪوشش تيو آهيان مگر ناڪام اي دلڙي

سجائي من اندر مُورت هميشہ جن ڪي پوڄيوسين
انهن ئي بت پرستيءَ جو ڏنو الزام اي دلڙي

ٻڌائي داستان دل جا ٻئي هڪ تي رُنا هئاسين
نتا وسرن اُهي لمحا صبح ۽ شام اي دلڙي

آهيان مجبور محبت ۾ نہ تو ڪو وَسُ هلي منهنجو
تيو آهي اندر برپا منهنجي ماتام اي دلڙي

مدهوشيءَ ۾ سيئي وسريو مگر وسريو نہ تنهنجو خيال
رهيو جوشِ جُنون ۾ ياد فقط تو نام اي دلڙي

روئي راتيون ڪٽيم ساريون، نہ هڪ پل هو صبر جن لئہ
انهن خط ۾ رقيبن لئہ لکيا سلام اي دلڙي

سدائين سوز ۽ سڪ ۾ "سليم" سارين سڄڻ ڪي
وَصل وارو مليو تن ڪي پرين پيغام اي دلڙي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيءَ تہ منهنجي تقدير هئي
يا اڻپوري تحرير هئي

ڪوريئڙي جي چار ۾ ڏُنڊلي
ڇو لڳي تصوير هئي

جان جي عيوض دل گهران ٿو
هي تہ بُڏل تڪبير هئي

محبت ۾ هُو پاڻ مري ويو
بي ڏوهي شمشير هئي

قابو پانيان پاڻ ڪي ايڏو
جڪڙيل جڙ زنجير هئي

مون ڪي عطا ٿي روزِ ازل ڪان
دردن جي جاگير هئي

ڪم نہ آئي تنهنجي "سليم"
جوڙيل جا تدبير هئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دل جون ڳالهيون دل ۾ ئي رهجي ويون
ڪين پڇيون تو ڪڏهن، نہ مون ڇيون

ٿيون ملاقاتيون وڏيون پر ڇا چوان؛
سلڻ جهڙيون سِڪ ۾ پلنديون رهيون

سامهون تنهنجي ڪين ڪي آئون ڇٽي سگهيس
وڃڻ ڪانپوءِ پاڻ سان پٽي مون ڪيون

هر نِشست دل نشين ۽ بي مثال
ڳالهيون ساڳيون لڳيون نِت نيون

حالتِ وَجدان جو ساٿي هو پر
پاڻ ئي مون تهمتون مُرڪي ڪنيون

سڀ تمنائون رُلي، هُن کي ڏسي
هڪبئي پنيان پاڻهي پرچي پيون

ڪيئن چوان ڪيڏيون هُيون مشڪل "سليم"
ٿيون ڏنگيون واٽون سفر سمجهيم سنيون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون دل تہ ڏني ڪلنديءَ ڪلندي بي دل جي خبر بي دل کان پڇو
آسان تہ هئي آسان مگر مشڪل جي خبر مشڪل کان پڇو

هن راهِ محبت جون راهون، دشوار ٿو سمجهي ساٿي سفر
جي ساٿ ڇڏي ڏئي همراهي، منزل جي خبر منزل کان پڇو

مون آهہ ڪئي هن مون کي ڏنو مون عرض ڪيو هُن مون کي ڇيو
هت اهلِ صُفا تا ڪن آزيون، غافل جي خبر غافل کان پڇو

آباد گلستان تيو آهي، ڇو نام نوابي نسبت سان
گل خار بهارون تيون تابع، بلبل جي خبر بلبل کان پڇو

خود ناز و ادا تي من موهي، ٿئين خاڪ مثل پروانہ جيان
تو موت قبوليو قربت ۾، قاتل جي خبر قاتل کان پڇو

تي ڪاڪ سموري سُڃ آهي، سوڍي ڪانسواءِ گُلَ ڪومايا
راڻي جي خبر راڻي کان پئي، مومل جي خبر مومل کان پڇو

مشڪور آهيان آئون ڪشتيءَ جو جنهن پار پهچايو مون کي ”سليم“
قطرو تہ سمنڊ ۾ ٿي ويو سمنڊ، ساحل جي خبر ساحل کان پڇو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڄ جهل نہ ساقي پيئڻ ڏي پري پري
وري ڪونہ اڇبو اوهان ڏي ڏري ڏري

غمن چُور ڪيڙس، ڏُکن دور ڪيڙس
اچي پيش پيئڙس، اوهان جي ڪري ڪري

تيل پُر نگاهون، تکيون تيز آهون
پڏي دوست دانهون، مَنَ ڏيان ڏري ڏري

پري جام پيئندس، تنهنجي نام جيئندس
وري ڪونہ ٿيئندس، پيرن پري پري

چُمي رک هٿن سان، گلابي چَپن سان
اُهي پيالا من سان، تن من ٺري ٺري

فقط توکي چاهيان، پئي ڪنهن جو ناهيان
تنهنجو يار آهيان، کوٽي کَري کَري

در ڪين ڇڏبو صبح شام اچبو
ڪنهن کي ڪِين ڇٺبو دل ٿي مري مري

"سليم" رهي ڪيئن، ڇٺر جيئر-پلا تيئن
سڙا تنهنجي جيئن نہ ساعت سَري سَري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آباد شل هجن هي محبت سندا مئخانا
پيارج هٿن سان پيهم پرتئون پري پيمانات

بزمِ رندان جون رمزون پير مُغان ٻُڌايون
سَڪَتو ڇا سمجهي سگهندو اِسرار عاشقانا

اي محتسب اوهان جا سڀ فلسفا فرسوده
منهنجي پلئه نه پيئڙا هي نڪتا ناصحانه

تنهنجي اکين مان اوتي جنهن هي شراب پيتو
سو هوش ۾ ڪيئن ايندو منهنجا اي جانِ جانان

رکجان ڀَرم تون منهنجو ساقيءَ روز محشر
جي لوڪ کان لڪائي ڪيم عرضَ عاجزانا

"سليم" معاف مڙئي ڪندو هو سڀ خطائون
آهي لڳل هي هر دم اميد عاصيانه



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اَج نيڻ وڃي نڪتس، دلدار جي نگر ۾
جنهن لاءِ سَنيون سوين مون صعوبتون سفر ۾
٥
دروازا ڪري بند تي درين مان ڏنائين
هڪ پل به رحم آيو صفا نه ستمگر ۾

منهنجي اچڻ تي ڪاوڙ ڪيڏي نه پئي ڪيائين
ڇا تي پويس ها جي ويهاري مون کي پر ۾

موهي وڏو هو من کي هُن بيوفا جي بستي
ڏٺيڏا نه محبتي هئا ماڻهو مڙئي شهر ۾

هڪ ڏينهن ضرور ملندو ثابت ثمر ”سليم“
سالن کان رکيم سانڍي سڪ سوز جا اندر ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ دوست هو هڪ دلربا جنهن تي ڪيو مون اعتبار
ويو ڏئي مون کي سزا منهنجو ڪسي هُو اختيار

روز و شب مون سان رهيو تي همنشين ۽ همسفر
پر حال دل جي ۾ هئو هُن جو پيو ڪو رازدار

دعويٰ ڪيائين پيار جي ۽ پيار پيي مون کي ڏنئين
پوءِ ڇو رقيبن سان ملي، مون کي ڪيائين داغدار

چشم نَم پنهنجون ڪري، مون کي چيائين رک يقين
تنهنجو آهيان، تنهنجو رهندس، توکي ڪندس نہ اشڪبار

هُن جي وفا تي اي ”سليم“، ڪيڏو نہ مون کي ناز هو
جنهن کي قرار تي سمجهيم، سو اڄ ڪري ويو بيقرار



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قاصد وڃي اسان جي دلدار کي ھي چئجان
آھيون اوھان سھاري منتار کي ھي چئجان

آھيون اڃا اتي ئي تو ھو ڇڏيو جتي ئي،
نہ کي تا ٻھاريون ٻئي پار کي ھي چئجان

توري؛ سري نہ ساعت، پيارا پرين اسان جي
ھتڙا پڏي سونھن جي، سرڪار کي ھي چئجان

واعدن تي تنھنجي آھي، مون کي اڃان يقين
توڙين متان اسان جي، اعتبار کي ھي چئجان

آھيان خطا جو پتلو مون ڏي مڙئي ميارون
نازڪ نظر ڪجو ڪا، گلنار کي ھي چئجان

شام و صبح عرض آ، جانِ "سليم" دل سان
من ڪا پڏي اچن ھُو پڪار کي ھي چئجان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيان ڏک ڏوراپو کهڙو ڏيرن کي آئون
نہ تيا مائٽ مُئيءَ جا چوري ڪري ڇِنائون

وساريان نہ وَرُ اديون
لڏيمر جنهن سان لانئون

ڏکيا پيچرا پنڌ تيا
نہ واقف مون راهون

رلان پيئي رُندن ۾
ڪريو درد دانهون

پڪاريندي س پنهونءَ کي
ڪٽي پيئي پانهون

روئي ڪنديس سَنيٗ بيان
جبل تنهنجون جفائون

کُڇن ڪيئن اُٺ يلا
ٻُوٽي ٻوڪا ٻڏائون

"سلُيمر" ڪيئن سمجهي
ماتيون سوجهيل صلاحون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافيون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ حرف الستي رنجي ويو
ڀيو خوف خطر سڀ گهٽجي ويو

عشق عطا ڪيو درد دوامي
نہ ڪوئي خاصو نہ ڪوئي عامي
سڀ سڄڻ ۾ سنجي ويو

مندر مسجد هوتن حُجرو
ڪير ڄاڻي هت شان ۽ شجرو
نام نسب ننگ لتجي ويو

ساڙي سرير سوغات ڏنائون
ماري من کي مات ڏنائون
وهم وصالي مٽجي ويو

دين ڌرم جا ناتا توڙي
حد لاحد ۾ ڄايون جوڙي
پوءِ پوريل در پٽجي ويو

فڪر فنا جي رمز کي ڄاڻين
صورت صاحب جي ”سليم“ سڃاڻين
هڪ سان هڪ تي، وتجي ويو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏسو تہ رنگيءَ رنگ آ لايو،
هر صورت ۾ پاڻ سمايو.

نفي اثباتي راز نيارا،
لاالہ جا سمجھ اشارا،
پنڌ اهو آهي سڄايو.

ڪُن فَيَڪون جڏهن جوڙيائين
صورت پنهنجي پاڻ ڏٺائين،
راڻل آهي رنگ رچايو.

وحدت ڪثرت ڳالھ هڪوئي،
هر هنڌ هر جاءِ ساڳيو سوئي،
ويس مٽائي مولي آيو.

وَنحن اَقرب واري وائي،
ڪِين وسارج ست سوائي،
هر هنڌ هوتَ پَسايو.

فَذِ ڪروني اَذڪرڪُم جا
سبق سوايا پڙھ تون تڪيرا،
آهي "بچاڻيءَ" جو هي رايو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عشق ڪيو بي حجاب
گلين گهتين ۾ تينهن نچايو

مسئلي مسائل کان تيا فارغ
دؤر دنيا جي کان تيا تارڪ
درد رکن بي حساب
سورن جو پڙهي سبق سوايو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هر هنڌ ثابت ذات اِها ئي
عين ۾ غين ۾ فرقِ پيائي
پائي نوري نقاب
هر صورت ۾ صاف سمايو

مُلان، عالم، واعظ، پنڊت
کهڙي ڪريو ٿا روز نصيحت
کهڙو تن تي عتاب
جن کي آهي نازَ ـ نمايو

وحدت وارا وعده نڀائي
نفس پنهنجي کي ماري مڃائي
مَن ڪري محراب
ڪينو ڪڍي تن قرب ڪمايو

مُو تُو قِبُلَلَ قول سنڀاري
پهتا پرين پاڻ وساري
تَرڪ ڪري اسباب
رکن "سليم" سِڪ سرمايو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تو بن منهنجي حيات اڌوري
ڏينهن اڌورو رات اڌوري

مُدت ڪانپوءِ تياسين مُلاقي
جان جسم جيئن فرق نہ باقي
هاءِ مگر تي بات اڌوري

تنها ڏينهن تو سارو گذاريان
راتيون روئي توکي سنڀاريان
ريءَ پسڻ پرڀات اڌوري

تن، من، ڌن سڀ توتي واريم
مِٺي مورت من ۾ وهاريم
پوءِ بہ طلب ۽ تات اڌوري

درد اوهان جو دل ۾ پالي
جيون ارپي تنهنجي نالي
ڪيئن نہ ڪئي مون ذات اڌوري

پيار ڪري مون پُور پرايو
مليو "سليم" کي سُور سَوايو
سڄڻ ڏني سوغات اڌوري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خدا جا نہ تياسين، نہ دنيا جا تياسين،
خبر ناهي ڪھڙي خفي ۾ پياسين.

هٹڻ هوڏ هستي نہ سگھيس مٽائي،
فقط نفس نادان سان ناتو نڀائي،
انهيءَ خيال خاطر رندن سان رلياسين.

نہ دنيا ۾ دل تي لڳي منهنجي يارو
مرڻ لاءِ طبيعت ۾ ٿئي ٿو منجھارو
نہ ڪي عاقبت ڪا سنواري سگھياسين.

نہ آهي آخرت جو اندر ۾ ڪو اونُو
نہ ڪي ياد خوف قبر جو ڪونُو
ويهي وقت سارا وڃائي ڇڏياسين.

ڪندو معاف مونکي مڙئي خطائون،
آهي آس، سُڻندو هُو سائين صدائون،
سهاري "سليم" جنهن جي عاصي بڻياسين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهنجي محبت ۾ دل ماندي وو يار
ناهي وار بہ هڪ ڪو واندي وہ يار

تنهنجو جلوو جوت جمال ڏسي
مٽي ڪونجهن قرب ڪمال ڏسي
ٿي حيرت مون هيڪاندي وو يار

هي جان جسم سڀ گهوري ڇڏيان
هڙئي حال اندر جا اوري ڇڏيان
جي ويهن سڄڻ سيراندي وو يار

تنهنجي ياد ۾ صبر و قرار ويو
وٺي سرت سموري اختيار ويو
ڪيو خوابن خيالن باندي وو يار

خوشبخت "سليم" سنيئي سڏجن
سدا هوت حضوري روح رلجن
جن حاصل پرين پيراندي وو يار



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻُڌي .منِ ورن منهنجون پيارا پڪارون
طالب تات تَن ۾ جنهن جون تنوارون

لکيو جيڪو قسمت اُتيو روز پاريان
الستي ازل جا سنيها تي ساريان
سهي ڪين سگهنديس محبن ميارون

ڳٽيان ڳالهيون ڳڻ ڳلن ڳوڙها ڳاڙي
ساجن سندي سڪ سينو تي ساڙي
هر ويل آهَن پَرين پچارون

نڪريو نهاريان صبح شام راهون
تڪن ڪين تيون. هي نماٽيون نگاهون
اُتندي ۽ وهندي سجڻ سنپارون

"سليم" تہ وس "ٻتيو آهي اوهانجي
تري ۽ تجي تو تُهن توهانجي
هٽايو متان ناز نوري نهارون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ مليو اسان کي ڪوئي همسفر آ
اي زمين، آسمان، هي اوهان کي خبر آ

لُٽايم جواني انهيءَ رنگ و بُو ۾
وساريم دنيا کي جنهن جي جستجو ۾
نہ حاصل ڪري پوءِ بہ سگهيس انهي کي
هي ڪهڙي خطا ٿي مون کان پُر خطر آ

ڪري ڪارسازي عبارت کي جوڙيم
پڙهي سڀ پنا پوءِ محبت جا موڙيم
جنون جي جهان جي جڏهن بستي وياسين
سواءِ تو نہ آيو ڪو مونکي نظر آ

هي سوچون ۽ سپنا اڌوريون وفائون
هي وحشت جا لمحا سراسر سزائون
اڪيلو بہ رهندي نہ تنها ٿيس مان
تصور توهان جو ٿي شام و سحر آ

فريبي دنيا جا حَسين هي نظارا
هي دلڪش ۽ پُرڪَش "سليم" سهارا
ڪٿي توکي ڳوليان ڪٿي مون کي ملندين
هي ڏَسُ ڏي وسايو تو ڪهڙو نگر آ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهنجا پير ڇمان پيزار ڇُمان
لب لال پٽي رُخسار ڇُمان

جهڙو آهين حسين تهڙو آهين سٺو
جهڙو آهين نفيس تهڙو آهين مٺو
جنهن کي دل جي اکين سان مون آهي ڏٺو
سو من مُوهن منٺار ڇُمان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنهن جي سوز ۾ سک ۾ سُرور مليو
نئون دردِ دل دستور مليو
جيڪي بہ مليو پُر نُور مليو
اهڙي محبت جا معيار ڇُمان

جنهن جا ناز عجب انداز عجب
جنهن جون روح رهاڻيون راز عجب
تن من ۾ پُري آواز عجب
تنهنجي گوهر گل گفتار ڇُمان

پٽي نيڻ نشيلا نم ديده
گل ماڪ جيان ٿيا پاڪيده
جي رُخ تي ٿهن ٿا خم ديده
سي گهاتا گهٽيرا وار ڇُمان

هئي بيهڪ بدن جي توبہ شِڪن
جنهن تي ريشم اطلس خوب ٿهن
جيڪي ساهہ "سليم" سان ٿا رهن
اُني لوڪ لِڪائي ڏار ڇُمان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تو بن منهنجي حيات اڌوري
ڏينهن اڌورو رات اڌوري

مُدت کانپوءِ ٿياسي مُلاقي
جان جسم جيئن فرق نہ باقي
هاءِ مگر ٿي بات اڌوري

تنها ڏينهن تو سارو گذاريان
راتيون روئي توکي سنڀاريان
ريءَ پسڻ پرڀات اڌوري

تنِ منِ ڌن سڀ توتي واريم
مِٺي مورت من ۾ وهاريم
پوءِ بہ طلب ڀيءِ تات اڌوري

درد اوهان جو دل ۾ پالي
جيون ارپي تنهنجي نالي
ڪيئن نہ ڪئي مون ذات اڌوري

پيار ڪري مون پُور پرايو
مليو "سليم" کي سُور سَوايو
سڄڻ ڏني سوغات اڌوري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳٽيان دوستن جا ستم کهڙا کهڙا،
مليا مُرڪي مون سان صنم کهڙا کهڙا.

وفائن جي عيوض جفائون ڪري ويا،
رکي دل ۾ ڪينو دغائون ڪري ويا،
پڄي پور تي پيا پرم کهڙا کهڙا.

ذکن ۽ سکن جا ساٿي سڏائي،
ويا منهن مشڪل ۾ مورنهون مٽائي،
کنيا تن هنن ڪئين قسم کهڙا کهڙا.

حيا ۽ شرم ويو هتان موڪلائي،
وڳا ويس لالچ جا تن تي سجائي،
وڪامن شب و روز جسم کهڙا کهڙا.

خدا کانسواءِ ناهي "سليم" سهارو
سڀ ٿي سڀ ڪان آ سائين سگهارو
ڪري ڪوجهڙن تي ڪرم کهڙا کهڙا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وري دل چوي تي ڪنهن سان دل لڳايون،
سُتل سور ساڳيا نئين سر جاڳايون.

وتي عشق محبت جو پاسو پُراڻون،
نئون محب ماڻي ڪو ناهيون نڪاڻون،
وري قرب واريون ڪچهريون ڪونايون.

وري شوق ساڳيو وري ذوق ساڳيو
جذبي جُنون جو وري جوش جاڳيو
توان بيچ پائي نئون نينهن نڀايون.

وري ويهي ڪنهن جون ڪجن انتظاريون،
شب و روز ڪاٽيون برهه بيقراريون،
وري پاند پرين لاءِ روئي پُسايون.

توان ناز انداز قاتل اداڻون،
سهان سرتي صدمان ۽ جور و جفائون،
ٿريل مَنَ ۾ بيهر ڪي باهيون دُکايون.

مجنون تا محبت آ آزار دل جو
گذوگذ وَسائي تي سنسار دل جو
اچو سيئو ساهي "سليم" پير پايون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان سان نہ ڪر تون منا يار ماٺا
اسين آهيون در تي اوهان جي وِڪاٽا

خوشيءَ سان قبوليم اوهان جي غلامي
صبح شام تنهنجي حُسن جا سلامي
ڏڪارين متان تون هي نوڪر نماٽا

وساريان نہ وسرن هو قربن جون ڪاتيون
اچن ياد هَر هر هُو رنگين راتيون
اُهي رنج رُساما رِهاڻيون اي راٽا

ڏنٿي سُور سختيون صدما سزائون
مگر دل ڪيون توکي دم دم دعائون
سدا خوش هجين شال موتين جا داٽا

رکي نينهن ناتو متان تون وسارين
جڏن کي جياري وري محب مارين
نياٽج تون ناتا نوان ۽ پُراٽا

آهي ڪم ظرف هي ظالم زمانو
تو مشڪل ۾ سڀ ڪو بنائي بهانو
هت وڏ رهن تا "سليم" ڪان سياٽا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شب و روز هڪ ٻئي سان ملندا هئاسين
ڏئي تهڪ ڏاڍا پيا کلندا هئاسين

خبر نہ آهي ڪنهن جي نظر آ لڳي وئي
اوهان جي. اسان تان اُها دل کڄي وئي
اڪيلا ائين تي نہ گهمندا هئاسين

ڪريان ڪنهن سان هاڻي ادا عاشقانا
اجايا ، سجايا بنائي بهانا
ڪڏهن پاڻهي پرچي پيا رُسندا هئاسين

وساريان نہ وسرن اُهي رس رهاڻيون
اُهي . قرب. وارا قصا ۽ ڪهاڻيون
ويهي گڏ گوڏي پيا ٻڌندا هئاسين

اڄئي ياد وعدا يا ڇڏيئي وساري
صبح شام توکي "سليم" اڄ بہ ساري
جيون پيا اڃا .جن لاءِ مرندا هئاسين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجي يار جانيءَ جي ادا ئي عجيب آ
ڪڏهن شور شوخي ڪڏهن ڪجهه قريب آ

ڪڏهن حال دل جا اچيو مون سان اوري
ڪڏهن گهُنڊ گهاتا وجهيو مون کي گهوري
قبولي چيو دل تہ هُو ئي حبيب آ

ڪڏهن ٿئي سنجيده ڪڏهن ڪِل ۾ ڪيرو
قسم آ خُدا جو ناسي من جو ميرو
طبيعت تکي هوندي دل جو غريب آ

پياري پرت جون صبح شام وٺيون
ڪَڏهن زخم تازن اچيو کولي پٽيون
منهنجي من جو محرم ءِ تن جو طبيب آ

ڪڏهن پيو رُلائي ڪڏهن پيو کلائي
ڪڏهن ڪوڙ مَان پيو هُو منهنجو سڏائي
تہ بس پوءِ "سلِيم" وڏو خوشنصيب آ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان ٽينهن وارن جو مسلڪ نيارو،
عبادت حُسن جي ڪريون ڏينهن سارو.

نہ مندر نہ مسجد نہ گرجا ٺڪاڻون،
تسبيح مصلي مان هرگز نہ ڄاڻون،
اسان محبتين لاءِ مذهب مونجهارو.

جوئي دَم غافل سوئي دَمُ ڪافر،
سدا ياد رهندو سبق هيءُ سراسر،
سواءِ جنهن جي ناهي ڪا ساعت سهارو.

وسي صاف سيني ۾ ذاتِ مطلق،
"سليم" رکون تنهن سان، ٭تَهتان تعلق،
جنهن دوست دلبر جو هر هنڌ نظارو.

---

٭ تهتان = ٽڪرو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيو هو تو وعدو روز ملڻ جو
وساري ڇڏيئي ڇو عهد اچڻ جو

خطا گر جي ٿي آ، اِها معاف ڪر تون
سڄڻ پنهنجو سينو صفا صاف ڪر تون
اچي ڏي سهارو، تون ڄانب جيئڻ جو

ڪريان اِلتجائون، صبح شام آئون
تڪڙ ۾ وچين تو ڪري ڇو ادائون
اثر ٿيو نہ تو تي، ڪو منهنجي ڇوڙڻ جو

شب و روز توڪي، سَندمُ دل تي ساري
تنهنجي بيرُخيءَ تي، هنجون وينئي هاري
قدر ڪونہ ڪيڙئي، اسان جي روئڻ جو

اوهان جي آ مرضي اسين يار ڇا آهيون
مٺا تنهنجي محبت جي لائق ئي نہ آهيون
رکان ڪيئن پلا حق ڏوراپي ڏيڻ جو

ڏئي پيار پهرين تو پنهنجو بڻايو
خفا ٿي اسان ڪانپوءِ مُنهن تو مٽايو
اِهو سُور نہ آهي "سليم" سهڻ جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

راتيون تنها ڏينهن ڏنگن
هاءِ ڪنهن سان حال ڪجن

جن لاءِ جاڳي روز رُنم
شام صبح تي دعائون گهريم
تہ بہ ڏک ڏنا پيارن پنهنجن

تنهجي اچڻ جي آس هئي
من کي ڏاڍي پياس هئي
راهون تڪيون هر ويل اکين

خيال هئا يا عذاب هئا
ڪهڙا ڪهڙا خواب هئا
ننڊ ۾ ويني رت رُنن

جن تان ڪيم جند جان فدا
سي ئي رهن تا هاڻ خفا
تن وسري ويا واعدا ۽ وچن

جن جو آهيان تن جو رهندس
سور "سليم" پيو سيني سهندس
هو ڇا بہ ڪني مون کي سمجهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سُتل کي چڏي ويا جاڙون ڪري جَت
رُلان تي رَندن ۾ هاريو مٿي رَت

جَتن ساڻ جيڏيون کهڙو لڳ لاڳاپو
ڏيان ڇا جو ڏاڍن ڏيرن کي ڏوراپو
لِکي لوح قلم ۾ قادر جا قسمت

عصر اُٿ اُتاري ويا ڪيچ ڪاهي
اوطاقن ۾ اديون پکي پهر ناهي
فقط هُئي پنهونءَ سان نماڻيءَ جي نسبت

جهنگ، جهر، جبل، سڀ جهاڳي بہ ويندیس
انهي وَرَ لاءِ واٽون واڳي بہ ويندیس
ڏي ڪا هيڏي کي هادي هاڻ همت

سُڄون شهر سارو تي پنيور پانيان
لاهي سانگو سرَ جو وجي پنڌ پڇايان
هلي ڪين آڏو هوتن ساڻ حُجت

سلامت هُجي شل پنهون چام آري
ڪريان ساهہ صدقو آئون واري واري
جيسين سرير ۾ آهي ”سليم“ سَت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اُڏامي هلون هل ڪنهن پار جاني
وسايون هلي نئون ڪو سنسار جاني

هُجون تون ۽ مان، جت هجي پيار پيارا
نوان سج ڪرڻا، نوان چنڊ تارا
نئين رات نئون ڏينهن نئون اقرار جاني

نڪي طعنا تُنڪا نہ تهمت لڳي ڪا
نہ حاسد نہ ويري نہ نفرت تڳي ڪا
نہ دولاب دوکو نہ اغيار جاني



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وسي مينهن وانگي جتي روز محبت
پُسون پاڻ ٻئي پوءِ ڪري قول قربت
لاهي مير من جو تيون نروار جاني

ٺُني دل نه ڪنهن جي هُجن جت وفائون
چاهت ۾ ڇهڪن پوءِ معصوم ادائون
نه سازش مڪر جي هجي چار جاني

هجي نياز نِوڙت ۽ احساسِ مُروت
هجي اهلِ دل جو قدر ۽ ڪا قيمت
هلي بس دلين جو واپار جاني

اُتي هاڻ تون، تو ڪرين دير ڇا لاءِ
"سنيم" ڇو نه ڪُڇندو هتي ڪير ڇا لاءِ
نه پرواه ڪنهن جي تون ڪر يار جاني



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهنجو ۽ منهنجو پيار صنم
سدائين رهي قائم، سدائين رهي دائم
نيايون ساٿ جنم جنم

واعد وفا جا توڙ نيايون
پريت کي پورو پاڻ پچايون
جيسين رهي هي دم ۾ دم

چاهي دنيا روهه رُلائي
سور ۽ صدما ڏيئي ستائي
سهندس سيئي تو ڪاڻ ستم

دل وارا دستور نرالا
محبت ۾ تا ڪن متوالا
صدقي پرين تان جان جسم

ڪين سهون هڪ ٻئي جي جدائي
شاهد سمجهي ساري خدائي
آءُ تہ کڻون هڪٻئي جو قسم

مرڻ جيئڻ سڀ توسان آهي
ساٿ "سليم" جو ڪنهن سان ناهي
ٻئي سان پلا منهنجو ڪهڙو ڪم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تو سواءِ ڪهڙي مون زندگاني-هاءِ جواني
ويا ختم شوق تي شاهاني-هاءِ جواني

ڪيئن نہ راتين جون راتيون گهمياسين
لاءِ ڪنهن جي گهٽين ۾ ڦرياسين
ها مگر ناهي اج آساني-هاءِ جواني



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وئي سفيدي اچي وار ڪارن
ماما چاچا چيو پنهنجن پيارن
ڪيئن مڃي سچ هي دلڙي-ديواني هاءِ جواني

ڏينهن گرم ۾ تي تن کي تپايم
سيءَ ۾ سينو ڪولي تي پڌايم
ڇا ته طاقت هئي جسماني-هاءِ جواني

ڪائڻ پيئڻ هو اٿڻ ۽ ويهڻ هو
موج مستي سڄو ڏينهن ملڻ هو
اڄ وسندي به مثل ويراني-هاءِ جواني

دل هئي دلبر هو عشق هو اثر هو
تڏهن ته سمورو رقيب شهر هو
تو بنا ڪيئن نڀايان يارني-هاءِ جواني

جوش جذبو همت هئي هٿن ۾
جڙ ته لوهه پريل هو لڱن ۾
هئي بدن ۾ درياءَ جي رواني-هاءِ جواني

وقت ويري ويو گذري سمورو
ڪا خبر ناهي ڪيئن تي ويو پورو
ٻڌل "سليم" ملي رمز روحاني-هاءِ جواني



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## هلي تي هرڻيءَ جهڙي چال

عمر آ جنهن جي سورنهن سال، ڪٽي منهنجي دل وئي

جنهن جي اکڙين ۾ مون پيار ڏٺو جڻ پريل خوب خُمار ڏٺو
جنهن جا پؤنر پرون ڪريال، ڪٽي منهنجي دل وئي

جنهن جا ڪارا ڪارا وار ڏٺم، گهنگهرو ۽ گهنڊي دار ڏٺم
هئا ڪاريهر مثال، ڪٽي منهنجي دل وئي

تا ڏاڍو نهن ڪَن والا، نڪ نٿڙي، جهومر جهالا
وٺي ڳوري ڳچي ڪنمال، ڪٽي منهنجي دل وئي

ڏند موتين جهڙا داڻا، مون ڪلندي ڏٺا هئا راڻا
هئا مرجان مثل لب لال، ڪٽي منهنجي دل وئي

جڏهن ويس ڪري تي ڪارا، ”سليم“ سنجي ويا دل وارا
آهي واهه جو حُسن ڪمال، ڪٽي منهنجي دل وئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ختم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڇيو مون سڀ سهڻن کان
دوستن ۽ دشمنن کان
هر درد مند دلين کان
ايندن ۽ ويندلن کان
آهي حسين ڪو اهڙو
يڪمشت تي چيو تن
ناهي حسين ڪو اهڙو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڇيو مون جن بشر کان
بيخود ۽ بي خبر کان
ناز و ادا نظر کان
اهلِ سخن اکر کان
پنهنجي سموري تر کان
مسڪين اهلِ زر کان
پاڙي شهر ۽ گهر کان
پوڙهي جوان پسر کان
مستن ۽ پاڳلن کان
آهي حسين ڪو اهڙو
يڪمشت تي چيو تن
ناهي حسين ڪو اهڙو

پڇيو مون عالمن کان
صوفي ۽ سالڪن کان
زاهد ۽ عابدن کان
ٻڪشو بلند ٻڌن کان
عيسيٰ جي راهبن کان
پوڄا جي سڀ بتن کان
موحد ملحد مؤمن کان
مدفون تيل روحن کان
درگاهه جي متولين کان
آهي حسين ڪو اهڙو
يڪمشت تي چيو تن
ناهي حسين ڪو اهڙو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڇيو مون هر موسم کان
مينهن جُهڙن آگم کان
جَهڪُن لُڪن گرم کان
سياري سانوڻ جي سم کان
سرءُ بهار بزمَ کان
بوندن جي رم ۽ جهم کان
روشن صبح و ڪرم کان
هر رات بي رحم کان
مڙنئي رنگين رُتن کان
آهي حسين ڪو اهڙو
يڪمشت تي چيو تن
ناهي حسين ڪو اهڙو

پڇيو مون زندگيءَ کان
بيدار بندگيءَ کان
رنج و الم خوشيءَ کان
محبّت ۽ بي رُخيءَ کان
دوستي ۽ دشمنيءَ کان
غلطي ۽ دُرستيءَ کان
دل، خيال ۽ خوديءَ کان
پنهنجي شعورَ ذيءَ کان
سُورن ڏکن سکن کان
آهي حسين ڪو اهڙو
يڪمشت تي چيو تن
ناهي حسين ڪو اهڙو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڇيو مون عاشقن کان
محبوب مالڪن کان
مومل جي مامرن کان
راڻي جي راضپن کان
سسئيءَ جي ڏاکڙن کان
نوريءَ جي نازبن کان
ليلا جي عاجزين کان
مجنون جي معاملن کان
سهڻيءَ جي ڪُن گهڙن کان
آهي حسينَ ڪو اهڙو
يڪمشت تي چيو تن
ناهي حسين ڪو اهڙو

پڇيو مون ڪهڪشان کان
زمين و آسمان کان
ناسُوت جي نِهان کان
جَبروت جي جهان کان
لاهوت لامڪان کان
هاهُوت جي فُغان کان
قدرت جي ڪارِوان کان
سليم هر سمان کان
مطلب ته تن ۽ من کان
آهي حسين ڪو اهڙو
يڪمشت تي چيو تن
ناهي حسين ڪو اهڙو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسين درد دونهين ڏُکايو وچون پيا
ڏيئا نفرتن جا اُجهايو وچون پيا

ڪري قرب قائم رکجو سجائي
اُها، جيڪي محفل مچايو وچون پيا

منهنجا ڏک ڏوراپا ۽ محبت ميارون
سواءِ تنهنجي لوڪئون لڪايو وچون پيا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيو ڪنهن بہ احسان ذري جو اسانَ تي
گهٽين ۾ ڳلين ۾ سو ڳايو ويون پيا

نہ دعويٰ ڪئيسين نہ دعويٰ ڪريون ٿا
مگر حال سارو ٻڌايو ويون پيا

ڪٿن آ نہ ڪيڏي برھہ جي هي بازي
خبر هوندي هر هر لڳايو ويون پيا

مخالف زمانو اگر ٿئي تہ ڇا ٿيو
سچي ڳالهہ ساري سڻايو ويون پيا

پلي ڪير سمجهي نہ سمجهي اسان کي
مگر ائين نہ سمجهو اجايو ويون پيا

نہ ساٿي سفر ۾ نہ رهبر وسيلو
پتو پار پرين پڇايو ويون پيا

نہ ڪينو نہ ڪُلفت، ڪُدورت نہ ڪائي
دليون دشمنن - سان ملايون ويون پيا

محبت جي مئہ مان صبح شام پيئندي
نشا نينهن جَا سڀ پچايو ويون پيا

فريب و مَڪر جا اُٿيل چار اُڏيڙي
قلعا ڪوٽ ڪوڙا ڪيرايو ويون پيا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪتي توکي ڳوليان هن انت ۽ بحر ۾
اسين پاڻ پنهنجو وڃايو وڃون پيا

نه عالم نه فاضل، نه عاقل ڪي آهيون
پڙهيل ۽ بڌل سي بڏايو وڃون پيا

ويهي ڪو مسافر اچي چار گهڙيون
تڏو طلب وارو وڇايو وڃون پيا

نه خواهش ختم ٿي، نه ڏؤ ٿيو اکين کي
تنهنجي سِڪ ۾ ساهه کي سِڪايو وڃون پيا

عداوت رکيم ڪا، نه جهيڙو ڪو جوٽيم
وهيو واپريو جو ڀُلايو وڃون پيا

ڪري نياز ۽ نوڙت رُنل سڀ ريجهائي
ٻڌي هٿ ادب جا ملهايو وڃون پيا

هاٺي ڪوبه مون کان خفا ڪونه ٿيندو
پڻي پيار واري پڙهايو وڃون پيا

اچا پنڌ پري ۽ سُجهي ڏور منزل
هليا هڏ جيسين هلايو وڃون پيا

"سليم" سدائين هي ارمان رهندو
اجازت بنا موڪلايو وڃون پيا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وساريان جي نتا وسرن، اُهي وينجهار ڪيڏانهن ويا
اُهي مانجهي مڙيئي مرد، مٽيادار ڪيڏانهن ويا

رکي ناتا نيايا جن، نہ سودا ڪيئون ضميرن جا
اُهي ساٿي اُهي سورهيہ، اُهي سردار ڪيڏانهن ويا

وهائي جن ڇڏيون ويرون، هئو مونڻ مٿن مهٽو
اُهي ڪونڌر ويا ڪسجي، اُهي ڪنڌار ڪيڏانهن ويا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جاڳائي جوت جن جڳ ۾، اُهي رهبر اسان جا هئا
انهن عالمن اديبن جا ازم، افڪار ڪيڏانهن ويا

ننگن جون جن جهلي سامون، لٽيرن کي ٿي للڪاريو
دولهہ دودا، جنگي جوڌا، اڙين آڌار ڪيڏانهن ويا

هيٺن کي جن ٿي هيسايو هئا اَرڏا ۽ اڙٻنگ جي
اُهي ظالم اُهي جابر اُهي مردار ڪيڏانهن ويا

عنايت شاهہ صوفيءَ سان، فريبين ڪيو ڪيڏو دوکو
اُهي مردود منهن ڪارا، ملا مڪار ڪيڏانهن ويا

غريبن سان رکن رغبت، ڪن مسڪينن جي پوٺواري
اُهي آدمي ۽ مانجهيءَ ۾، يتيمن يار ڪيڏانهن ويا

صحافت کي ڪَيُن پيشو سماجيت کي سڌارڻ لاءِ
اهي مرد قلندر ڪُل قلمڪار ڪيڏانهن ويا

ٻُڌي مون هاڪ هستي هئي، هتي دارا سڪندر جي
اُها همت٠رکي حشمت، سپهہ سالار ڪيڏانهن ويا

ڏيندا هئا جيءَ ۾ جايون، تڏي آئي بہ دشمن کي
ڪندا هئا معاف مُرڪي سي منا منٺار ڪيڏانهن ويا

ماريا ميدان مردن هئا، ڪُڏي جن ڪوڏ مان ڪاهي
شجاعت، شان، شمشيري، اُهي شهڪار ڪيڏانهن ويا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڙهيا تي حق جي خاطر، نه سر خم تيا اڳيان باطل،
شهادت جا ماٿي رتبا هو سوليءَ سوار ڪيڏانهن ويا

ڪتابن ۾ رهيا محفوظ جن جا باب بيباڪي
رقم تاريخ ۾ تابان اُهي اذڪار ڪيڏانهن ويا

ڪڏهن رحمان سان راغب، ڪڏهن شيطان سان شامل
ندامت جا ڳاڙي ڳوڙها، هو گنهگار ڪيڏانهن ويا

هدايت رُشد جون راهون، اچي ڏاهن ڏسيون ڏيهه ۾
قطب اولياءَ، ولي ڪامل، ڪل ئي ڪردار ڪيڏانهن ويا

ٻڌي پيٽن مٿي پٿيون، نه ڪيئون آگاهه عالم کي
تنگين آڏو نه هٿ ڪنهن جي، اُهي خوددار ڪيڏانهن ويا

ڪتي ڳوليان اُهي چهرا، جي مثل ماه و انجم هئا
اُهي سينڌون اهي سرما، سورنهن سينگار ڪيڏانهن ويا

اچي پيريءَ ڏنو پاسو ۽ مستي موڪلائي وئي
اهو جوڀن اُها جواني، اُهي جنسار ڪيڏانهن ويا

اڃا پيي ڪي آهن جڳ ۾، هلي تي ڪاڻ جنهن دنيا
مگر ساري ”سليم“ جن ڪي، اُهي دلدار ڪيڏانهن ويا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# چوسٿا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## چوسِٽا

جڏهن ٿيس بيقرار ته پوءِ لکي ڇڏيم،
نه رهيو دل تي اختيار ته پوءِ لکي ڇڏيم،
ٻڌائڻ ته چاهيو ٿي سامهون "سليم"،
زبان ڪيو نه اظهار ته پوءِ لکي ڇڏيم.

❋

هر نقش دل تان مٽائي ڇڏيوسين،
فقط داغ تنهنجو سَجائي ڇڏيوسين،
ڪري ياد تنهنجيءَ سان آباد دنيا،
"سليم" پاڻ کي پوءِ ڀُلائي ڇڏيوسين.

❋

تنهنجي واعدي تي اعتبار ڪيم،
اجايو دل کي سوڳوار ڪيم،
ڏٺي آٿت پَنهنجو پاڻ کي "سليم"،
هرويرو پيئي انتظار ڪيم.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تو چيو هو تنهنجو آهيان، دل مگر مطمئن نہ ٿي،
تو صرف مان توکي چاهيان، دل مگر مطمئن نہ ٿي،
گفتگو حالانڪہ هن جي م، صداقت هئي "سليم"،
بدگمان ايڏو بہ ناهيان، دل مگر مطمئن نہ ٿي.

❊

ڳالهہ دل جي اچان ڪري نہ سگهيس،
روبرو تنهنجي عيان ڪري نہ سگهيس،
"ڪيڏو نہ توکي تو چاهي سليم"،
هي بہ جملا بہ بيان ڪري نہ سگهيس.

❊

ٻڌي هي داستان منهنجو چيو اشڪبار ٿيو،
جڏهن محفل سڄي هو مون سان همڪنار ٿيو
جڏهن ڪو تعلق ئي نہ هو هُن سان "سليم"،
پوءِ پلا ايڏو چو هو بيقرار ٿيو.

❊

امن، پيار، محبت، اِهو ئي تا چاهيون،
عداوت نہ نفرت، اِهو ئي تا چاهيون،
ڪريون صاف ستري، "سليم" سماجيت،
سٺن ساڻ صُحبت، اِهو ئي تا چاهيون.

❊



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ ڪرسي وزارت نہ صلاحڪاري تي گھرجي،
نہ جرنل ڪنھن ڪرنل جي ياري تي گھرجي،
اسين سادہ سُودا ”سليم“ ڇا ڄاڻون،
اسان کي فقط سنڌ سُڪاري تي گھرجي.

❊

اسان جي اوھان کي گذارش نماڻي،
ڪريو دير دلبر ٿا ڇو ڄاڻي واڻي،
مجوسين تہ مصروف آھيو اوھان پر،
ناھي ايڏو واندو ”سليم بچاڻي❊“.

❊

نہ ڪي غم خوشي ۾ نہ ڪو خواب خيال،
نہ ڪا ھوڏ ھستي نہ ڪو مستي مال،
عذابن ۾ گھاري وڃي پار پھتس،
مگر واھ جو گذريو ”سليم“ ھي سال.

❊



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فائق جي فهم تي، جيڪي ٿيا فنا،
صَحُو قلب "سليم" چوي، ثابت ڪن ثنا،
آئون انهن ڪنا، سبق سڪي نہ سگهيس.

(سليم ٻچاڻي)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## امرتا پبليڪيشن جا ڇپايل ڪتاب

| | | |
|---|---|---|
| ١. امرتا غزل رنگ (شاعري) سنڌ جا مختلف شاعر | مُلهه: | 60.00 |
| ٢. ڪارون وس ڪيام (استاد محمد جمن جو فن ۽ شخصيت) سوز هالائي | مُلهه: | 150.00 |
| ٣. امرتا فوزيه سومرو ڪي پيتا | | (ختم ٿيل) |
| ٤. نيڻ سجدي ۾ (شاعري) ساحر راهو | مُلهه: | 80.00 |
| ٥. سوني باگو (اوپيرا) علي دوست عاجز | مُلهه: | 40.00 |

**ڪتاب گهرائڻ لاءِ:**

امرتا پبليڪيشن، پي او باڪس نمبر 64،
G.P.O حيدرآباد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

معياري ڇپائي لاءِ:

**انٽيل ڪميونيڪيشنز**

9- ربي چيمبر ڪورٽ روڊ، حيدر چوڪ حيدرآباد

فون: 721172

# پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندَڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ڀاڙي، ڪائُو، ڀاڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جيِ دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنىٰ e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاريِ تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَ نَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَ نَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن ڪي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اڪرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، جاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالههَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڻپڙهيل کي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاٿي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين

ڪتابن ڪي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نسُل جا پَنَ سيني کي چوڻ چالاڪ ۽ ڪينئن جهڙن سوالن کي هر بيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نه رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اڻٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان به پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪِي پائي چيو ته ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ "سنڌ سلامت ڪتاب گهر" ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو.

اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book